
منهنجون
يادگيريون
رک سنڌي

منهنجون يادگيريون

مصنف: رڪ سنڌي

مئي 2020ع

كتاب جو نالو: منهنجون يادگيريون

مصنف: رڪ سنڌي

ڇپائيندڙ: ساڃيھہ اشاعت گهر، حيدرآباد، سنڌ

اي ايڊيشن: مئي 2020ع

Book: Munhanjoon Yadgerreon (My Memories)

Author: Ruk Sindhi

Publisher: Saneeh Ishait Ghar, Hyderabad Sindh

E-Edition: May 2020

منهنجون يادگيريون

منهنجو جنم ڪنڊيارو شهر پرسان ڳوٺ حامد اڄڻ ۾ ٿيو. اسڪول رڪارڊ موجب ڄمڻ جي تاريخ 05 آگسٽ 1961ع لکيل آهي، ڳوٺن ۾ ٻار جي ڄمڻ وقت اڪثر ڪري سندس ڄم جي تاريخ لکي نہ ويندي هئي. جڏهن ٻار 5 سالن جي عمر تائين پهچندو هو تہ اسڪول ۾ داخلا وقت ماستر طرفان ڏڪي تي ڄمڻ جي تاريخ جنرل رجسٽر ۾ رکي ويندي هئي. آئون جنهن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيس اتي ٻن ڪمرن تي ٻڌل هڪ پرائمري اسڪول موجود هيو، جتي پر واري ڳوٺ مان ئي ٻہ ماستر مقرر ٿيل هئا. جن ۾ مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ استاد محمد بخش اڄڻ، جيڪو پر واري ڳوٺ نيهندو اڄڻ جو رهواسي هيو، تمام هوشيار استاد هوندو هو. هو خاص ڪري سنڌي ٻولي جي حوالي سان انتهائي پڙ هو، ٻارن جي سنڌي زبان جي صحيح تلفظ ۽ صورتخطي تي گهڻو ڌيان ڏيندو هو. اسان جي اسڪول ۾ صفائي لاءِ ڪوبہ ملازم مقرر نہ هيو، جنهن ڪري اسان ٻار واري واري تي اسڪول جي صفائي ڪري پاڻي جو ڇٽڪار ڪندا هئاسين. جڏهن مان 5 درجا سنڌي پاس ڪيا تہ مون کي ڪنڊيارو شهر جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. اسان ڳوٺ جا ٻار جڏهن شهر جي اسڪول ۾ ويندا هئاسين تہ اتي شهر جي سڪين ستابن ماڻهن جا ٻار ڏسي، ڏاڍو عجيب لڳندو هو. شهر جا ٻار اسان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چالاڪ ۽ حرفتي هوندا هئا. جن کي ڏسي اسان ۾ بہ ڪجهہ چالاڪي پيدا ٿيڻ لڳي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ اسان کي

ٻين سبجيڪٽن سان گڏ عربي بہ هڪ سبجيڪٽ طور پڙهائي ويندي هئي. جيڪا آخر تائين اسان سکي نہ سگهياسين. عربي سبجيڪٽ جو پيرڊ اسان ٻارن لاءِ مصيبت ٻٽيل هوندو هو. جيتوڻيڪ عربي پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيل استاد ڏاڍو هوشيار هوندو هو. پر اسان کي عربي جا گردان وغيره ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آيا. اسان ٻارن ۾ عربي سبجيڪٽ بابت ڪيترائي ڀوڳ بہ ٺيندا هئا. هڪ استاد جيڪو سائنس پڙهائيندو هو. جڏهن ان سان عربي سبجيڪٽ جي مشڪلاتن بابت ڳالهہ ڪئي تہ هن ڀوڳن ۾ اسان کي سنڌي مان عربي لفظ ترجمو ڪرڻ جو سولو طريقو سمجهايو. هن ڀوڳن ۾ چيو تہ هر هڪ سنڌي لفظ جي پڇاڙيان ”تن“ لڳائيندا تہ اهو عربي ٿي ويندو. جيئن خوف لاءِ خوفتن. جاهل لاءِ جاهلتن. جڏهن اسان عربي جي استاد آڏو سنڌي لفظن جو ترجمو ان فارمولا تحت ڪرڻ شروع ڪيو تہ هو ڏاڍو بگڙي پيو ۽ سائنس جي استاد بابت ڪاوڙ مان چوڻ لڳو تہ اهو تہ ڪافر آهي. اسان کي ان وقت اها خبر پئجي نہ سگهي تہ اهو ڪافر وري ڪهڙي بلا جو نالو آهي.

منهنجو والد مذهبي قسم جو ماڻهو هيو. جنهن گهر جي اندر به عورتن جي عبادت لاءِ مسجد جوڙائي هئي. جڏهن ته 5 گهرن جي ويڙهي لاءِ گهرن ٻاهران به هڪ ننڍڙي مسجد جوڙايل هئي. جتي نمازين جو ڪو



ڪنڊيارو ڊگري ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ورتل تصوير

گهڻو تعداد نه هوندو هو. اڪثر ڪري رمضان شريف ۾ روزي کولڻ وقت ڳوٺ جي ماڻهن جو وڏو تعداد مسجد ۾ ضرور ايندو هو. گهر واري مسجد ۾ ويڙهي جي عورتن کي مون ڪڏهن به نماز پڙهندي نه ڏٺو هيو. باقي منهنجي امڙ ۽ ڏاڏي فقط ثواب خاطر سج لهڻ کان پوءِ مسجد ۾ ڏيئو

ٻارڻ ضرور ايندئون هيون. جڏهن آئون اسڪول ۾ پڙهندو هيس تہ رمضان شريف ۾ منهنجي ڪلاس جا ٻار روزو رکي ايندا هيا يا چوندا هئا تہ ڪين روزو آهي. هو مون کان بہ پڇندا هيا تہ روزو رکيو اٿئي. نيٺ هڪ ڏينهن مون بہ همت ڪري زندگيءَ جو پهريون روزو رکيو. اهي شايد جون يا جولاءِ جا گرم ڏهاڙا هيا، منجهند جو سخت گرمي سبب اڄ سبب ڳلو خشڪ ٿي ويو ۽ ڏاڍو پريشان ٿيڻ لڳس. گهرن جي ٻاهران مسجد ۾ رمضان شريف ايندي ئي ٺڪر جا نوان ڪنورا ۽ مٽ وٺي ليار ۽ ٽالهي جي وڻن هيٺان ڇانو ۾ رکيا ويندا هئا. ٻن پهرن جي نماز لاءِ ٻانگ اچڻ تي مان بہ رڙهي سڙي مسجد پهتس. جڏهن وضو ڪرڻ لاءِ ٺڪر جي نئين ڪنوري مان پاڻي گورڙي ڪرڻ لاءِ وات ۾ وڌو تہ منهنجي تہ دنيا ئي بدلجي وئي. سخت گرمي ۾ روزي سبب ٿڌو پاڻي وات ۾ وجهڻ سان مون کي ايڏي تہ فرحت ۽ سڪون مليو جو مان بنا ساهي جي بہ ٿي ڍڪ پي ويس. ان ڏينهن کان پوءِ شايد ئي مون ڪڏهن روزو رکيو.

منهنجو والد ڳوٺ ۾ ننڍڙو دڪان کولي پيو گهر جو چرخو هلائيندو هيو. اسان پاڻ بہ هٿ ونڊائڻ خاطر دوڪان تي وڃي وهندا هياسين. پاڻ هر جمعي تي ڳوٺ کان ڪجهہ ميل پري هڪ بزرگ جنهن کي لوڙهي وارو پير سڏيندا هيا، ان جي درگاهہ تي وڃي نماز پڙهندو هيو. والد صاحب وس پڄندي، جمعي جي نماز ان درگاهہ تي ادا ڪرڻ کان نہ گسائيندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن مان بہ ساڻس گڏ ويندو هيس. مون کي ان درگاهہ ۽ ان جي پير ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هوندي هئي، پر اصل دلچسپي سندس درگاهہ تي بيٺل پيوندي انبن ۾ هوندي هئي. مان فقط درگاهہ جي باغ ۾ ڇٽي پيل انب ڪٺي گهر ايندو هيس.

ڪاليج واري زندگي

جڏهن مون جون 1977ع ۾ ميٽرڪ سائنس جو امتحان پاس ڪيو تہ والدين انٽرميڊئيٽ پڙهائڻ لاءِ پهريان تہ خيرپور جي سپيرئير سائنس ڪاليج موڪليو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڪنڊيارو ۾ ڪاليج قائم ٿئي، اڃا ٿورو عرصو ٿيو هو. والدين موجب ڪنڊيارو ڪاليج ۾ اڃا ٽيچنگ اسٽاف اڻ پورو هو، جنهن ڪري منهنجي خيرپور جي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ ضروري هئي. جتي 3 کان 4 مهينا تعليم حاصل ڪري سگهيس، بعد ۾ ٽرانسفر سرٽيفڪيٽ (ٽي سي) وٺي اچي ڪنڊيارو ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتي. جتان مارچ 1980ع ۾ انٽرميڊيٽ پري انجنيئرنگ گروپ ۾ پاس ڪئي. ڪنڊيارو ڪاليج ان وقت شاگرد سياست جو مرڪز هو، خاص ڪري ڪاليج ۾ بہ شاگرد تنظيمون سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن (سپاف) ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن (جساف) خاص طور تي متحرڪ هيون. اهو جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا جو دور هو. جنرل ضياءَ سرڪاري آفيسن سميت ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ٻن پهرن جي نماز لازمي قرار ڏني هئي. اسان جي ڪاليج جي پرنسپال حڪم جاري ڪيو تہ سڀ شاگرد ۽ استاد ٻن پهرن جي نماز ضرور ادا ڪن، ان لاءِ نماز جو وقفو مقرر ڪيو ويو. اهو حڪم شاگردن مٿان جبل جي ڇپ ٽٽجي ڪري پيو. ڪو بہ شاگرد سرڪاري حڪم تي ڪاليج جي پارڪ ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. اسان خاص ڪري شاگرد تنظيمن سان لاڳاپيل شاگرد ان حڪم سبب مشڪلات ۾ مبتلا ٿي وياسين. ان حڪم مان جند آجي

ڪرائڻ لاءِ هيلا بهانا گهڙڻ لڳاسين. آخرڪار ڪجهه شاگردن گڏجي مشورو ڪيو ته اهڙو ڪو عمل ڪجي جو اسان مٿان نماز واري پابندي ختم ڪئي وڃي. جنهن لاءِ هڪ ترڪ اها سٽي ته اسان سڀ هم خيال شاگرد نماز لاءِ ٻين شاگردن کان اڳ پارڪ ۾ داخل ٿينداسين ۽ هڪ شاگرد عربي بدران سنڌي ۾ آذان ڏيندو. ان ئي حڪمت عملي هيٺ اسان ٻئي ڏينهن نماز جي ادائيگي لاءِ سڀني کان اڳ پارڪ ۾ پهتاسين. آذان ڏيڻ جو ڪٽو هڪ دوست جو نڪتل هو. ان ڪري هن پارڪ ۾ سنڌي ۾ آذان ڏيڻ شروع ڪئي. ”**الله** وڏو آهي، **الله** وڏو آهي، اچو نماز طرف، اچو نماز طرف، اچو راهه نجات طرف، اچو راهه نجات طرف.“ اهڙي طرح هن سنڌي ۾ آذان ڏيڻ شروع ڪئي ته ڪاليج جا ٻيا شاگرد ۽ استاد پارڪ جي چوڌاري گڏ ٿي ويا ۽ اسان جي گروپ کي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳا. ڇڻ ته سنڌي ۾ آذان ڏئي اسان ڪو وڏو ڏوهه ڪيو هو. آخرڪار ڳالهه پرنسپال وٽ پهتي، جنهن ٻئي ڏينهن اسان جي 8، 10 شاگردن جي گروپ کي پاڻ وٽ طلب ڪيو. گڏجاڻي دوران ڪاليج مان نيڪالي ڏيڻ سميت پوليس حوالي ڪرڻ جا داٻا ڏنا ويا. گڏجاڻي ۾ اسان جي ڌر اهو موقف اختيار ڪيو ته اسان سنڌي ۾ آذان ان ڪري ڏني ته جيئن شاگرد سمجهي سگهن ۽ نماز طرف اچن. اسان سنڌي ۾ آذان ڏئي ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي. ڪجهه استادن اسان کي بچائڻ لاءِ اسان جي موقف جي حمايت ڪئي. پرنسپال صاحب آخر ۾ فيصلو ڏنو ته اوهان 10 ئي ڄڻا ڪڏهن به نماز ادا ڪرڻ لاءِ پارڪ ۾ داخل نه ٿيندا.

بي روزگاري دوران شادي

آئون ڪاليج مان انٽرميڊيٽ جو امتحان ڏئي پورو ڪيو تہ والدين ڪنڊيارو مان لڏي سڪرنڊ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. جنهن بعد مون گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج نواب شاهہ ۾ بيچلر آف آرٽ (بي اي) ڪرڻ لاءِ داخلا حاصل ڪئي. جتان 1983ع ۾ گريجوئيشن جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد نوڪري جي تلاش ڪي لڳي ويس. جنهن دوران مون کي يونين ڪائونسل پير ذاڪري سڪرنڊ ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي وئي. جيڪا لڳاتار 3 سال ڪن جاري رهي. بعد ۾ يونين ڪائونسل جا فنڊ گهٽجي وڃڻ سبب مون سميت ٻن ڄڻن کي نوڪري تان برطرف ڪيو ويو. آئون اجا بي روزگار هئس تہ والدين تي منهنجي مڱيندي جي مائٽن طرفان زور وڌو ويو تہ منهنجي شادي ڪرائي وڃي. ڇاڪاڻ تہ هو نياڻي کي وڌيڪ ويهاري نہ ٿا سگهن. آخرڪار مجبوري ۾ منهنجي شادي 12 مارچ 1987ع تي خانواهڻ شهر مان منهنجي ويجهن عزيزن مان ڪرائي وئي. شادي ٿيڻ وقت آئون بي روزگار هيس. والدين بہ غريب هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو ڪراچي ۾ پنهنجي عزيزن ناظم منگي ۽ ظفر منگي وٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. جيڪي سنڌ انسپيڪٽوريٽ آف مائينس ڪراچي هيڊ آفيس ۾ ملازمت ڪندا هئا. جتي منهنجي انسپيڪٽوريٽ آف مائينس سنڌ جي چيف انسپيڪٽر بشير احمد انصاري سان بہ ملاقات ٿيندي رهندي هئي. جيڪو انتهائي سنڌ دوست آفيسر هيو ۽ ادب ۽ سياست سان بہ خاصي دلچسپي هيس. منهنجي ليکڪ ۽ سياسي ڪارڪن هجڻ سبب ڪافي عزت ڪندو هو. جڏهن منهنجي شادي ٿي تہ ان ئي ڏهاڙي منهنجي ويجهي عزيز ناظم الدين منگي چيف انسپيڪٽر

بشير احمد انصاري کي فون ڪري پڌايو تہ ڪامريڊ جي شادي تہ ٿي وئي آهي، پر بي روزگاري سبب زال ڪيئن پاليندو. جنهن تي هن ڪيس ٿهڪ ڏئي جواب ڏنو تہ ٻن ڏينهن بعد ڪراچي اچي مون سان ملي. شادي جي ٽئين ڏهاڙي آئون ڪراچي پهچي چيف انسپيڪٽر بشير احمد انصاري سان ملاقات ڪئي. جنهن مون کي پنهنجي اداري ۾ 15 مارچ 1987ع تي ڪلارڪ طور مقرري جو آرڊر ڏنو. اهو اطلاع ڳوٺ پهچڻ تي خوشي جي لهر پکڙي وئي. سڀ عزيز منهنجي زال فهميده کي ڀاڳ واري قرار ڏيڻ لڳا. ڇاڪاڻ تہ ساڻس شادي جي ٽئين ڏينهن مون کي نوڪري ملي هئي.

آئون شادي بعد ڪراچي ۾ ڪجهہ دوستن سان گڏ رهندو هيس. ڀڳهار گهٽ هجڻ سبب گهر وارن ڏانهن سندن ضرورت مطابق خرچ بہ نہ موڪلي سگهندو هئس. شادي جي ٽن سالن کان پوءِ مون کي پهريون فرزند سوجهرو پيدا ٿيو. جڏهن والد صاحب غلام جعفر منگي لاڏاڻو ڪري ويو تہ ان وقت منهنجو وڏو ڀاءُ قربان منگي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ قيد هيو. بابا جي وفات بعد گهر ڀاتين کي اڪيلو سڪرنڊ ۾ ڇڏي نہ پئي سگهيس. جنهن ڪري والد جي وفات کان ڪجهہ ئي مهينن کان پوءِ مون گهر ڀاتين کي بہ 1991ع ۾ ڪراچي شفٽ ڪيو. ان وقت منهنجي لياري ۾ رهائش هئي. آئون شروع کان ئي وٺي، عورتن جي پردي جي خلاف هوندو هيس، ان ڪري ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ بعد منهنجي زال برقعي کي سولي سنڌيءَ ۾ ٽي طلاقون ڏئي ڇڏيون. هن سڪرنڊ جهڙي ننڍڙي شهر مان ڪراچي شفٽ ٿيڻ بعد ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ اردو بہ سکي ورتي. جنهن ڪري مارڪيٽ مان سودو سلف آڻڻ ۽ ٻارن کي شهر جي تفريحي ماڳن تي گهمائڻ جو بار بہ پنهنجي ڪلهن تي کڻي ورتو.

ڪراچي شفٽ ٿيڻ جي ڪجهہ ئي مهينن اندر منهنجي ٻئي نمبر پٽ سارنگ 24 فيبروري 1992ع تي جنم ورتو. سنڌس جنم ڪارادر جي مرڪزي ايڌي اسپتال ۾ رات جي وقت ٿيو. اسپتال ۾ منهنجي گهر واري اڪيلي هئي، اسان ڪنهن بہ مٽ مائٽ کي اڳواٽ گهرائي نہ رهايو هو.



ڪراچي ۾ پنهنجي گهر واري فهميده ۽ ٻن پٽن سوجهرو ۽ سارنگ سان گڏ گهر ۾ ورتل تصوير

منهنجي گهر واري لاءِ ڪنهن اسپتال ۾ اڪيلي سر ٻار کي جنم ڏيڻ جو اهو پهريون ۽ ڪامياب تجربو هو. نہ تہ ڀهراڙين ۽ ننڍن شهرن ۾ اڪثر ٻار جي جنم وقت عورت سان مائرون، نانيون، چاچيون ۽ ماسيون ولر جي صورت ۾ موجود هونديون آهن. جيڪي آٿت ٿيڻ بدران ويتر سنڌس گهر جو سڪون تباهہ ڪري ڇڏينديون آهن.

انسپيڪٽوريٽ آف مائينس ۾ ملازمت دوران منهنجا ڪراچي ۾ سياسي دوستن سان لاڳاپا ٻيهر بحال ٿي ويا. ڪراچي ۾ سنڌ جي حوالي سان ٿيندڙ سيمينارن، ثقافتي پروگرامن سميت سياسي گڏجاڻين ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيو. انسپيڪٽوريٽ آف مائينس جو چيف انسپيڪٽر بشير

انصاري ان وقت انگريزي ۾ ”مائيننگ“ نالي سان ماهوار رسالو شايع ڪندو هو. جنهن جو هن مون کي انچارج مقرر ڪيو. ان ڪري مان اڪثر ڪري آفيس ۾ ڊيوٽي ڏيڻ بدران رسالي جي ڇپائي ۽ مواد گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪندو هوس.بعد ۾ صحافت ۾ اچڻ بعد مون 15 اپريل 1992ع تي انسپيڪٽوريٽ آف مائينس جي ملازمت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.

سياست

آئون شروع کان ئي وٺي قومپرست ۽ سنڌ دوست خيال رکندڙ هيس. اسڪول ۾ پڙهائي دوران مون ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم چٽنگ سنگت ۾ شموليت اختيار ڪئي. ان وقت سن مان ناز سنائي چٽنگ رسالو شايع ڪندو هو. پهريان مان چٽنگ رسالو وٺي پڙهڻ شروع ڪيو ۽ سندس ايڊيٽر ناز سنائي کي خط لکڻ لڳس. خطن جي معرفت ناز سنائي سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي ته هڪ ڏينهن هو پاڻ سرور سهتي سان گڏ اچي مون وٽ پهتو. سرور سهتي جو واسطو جيئي سنڌ تحريڪ سان هو. اهڙي طرح مان چٽنگ سنگت ۾ نه فقط ميمبر شپ حاصل ڪئي، پر ان جا ٻيا ڇپجندڙ ڪتاب به گهرائڻ لڳس. مون پنهنجي لکڻ جي شروعات به چٽنگ رسالي کان ڪئي. ان دور ۾ اصغر آزاد منگي جي

نالي سان لکندو هيس. ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو ۾ پڙهڻ دوران ئي منهنجو واسطو شاگرد تنظيم جساف جي دوستن سان ٿيو. انهن سان گڏ جيئي سنڌ هلچل جي باني سائين جي ايم سيد سان بہ ملاقاتون ٿيون. منهنجي سائين جي ايم سيد سان پهرين ملاقات 17 جنوري 1981ع تي سندس سالگرهہ جي موقعي تي سن ۾ ٿي. ان پهرين ملاقات ۾ ماڻهن جي پيهہ سبب ويجهڙائي کان ڪيس ٻڌڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو. پر فقط سندس جلسي ۾ ڪيل تقرير ٻڌي. جنهن بعد ڪجهہ ئي عرصي بعد سائين جي ايم سيد سان درياهہ واري بنگلي تي ڪجهہ دوستن سان گڏ ملاقات ٿي. سائين جي ايم سيد جي اها خوبي هوندي هئي تہ نہ فقط پاڻ ڳالهائيندو هو. پر ٻئي ماڻهو جي بہ ڳالهہ ٻڌندو هو. سن ۾ هڪ رات سيد جي بنگلي تي رهڻ بہ ٿيو. سائين جي ايم سيد اسان سيني سان گڏجي ماني کاڌي ۽ ڪچهري بہ ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي ڪارڪنن جي کاڌي پيتي ۽ رهائش جو خاص خيال رکندو هو.

جڏهن 14 آگسٽ 1983ع کان جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا

لاڙڪاڻو ڳوٺ ڪاراڻي ۾ سنڌ دوست انقلابي تنظيم جي جلسي ۾ ٻين سائين سان گڏ اسٽيج تي ويٺل آهيان

حڪومت خلاف مختلف سياسي پارٽين طرفان جمهوريت جي بحالي لاءِ ايم آر ڊي (Movement for Restoration of Democracy) جي پليٽ

فارم تان تحريڪ جي شروعات ڪئي وئي ته ان دوران آئون سڪرنڊ ۾ رهندو هيس. ايم آر ڊي جي سڏ تي سڪرنڊ ۾ به احتجاجي مظاهرا شروع ڪيا ويا ۽ سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن طرفان گرفتاريون پيش ڪيون وينديون هيون. جيتوڻيڪ ان وقت منهنجو پي پي پي سان ڪوبه سياسي لاڳاپو نه هيو، پر سنڌي ماڻهو ان تحريڪ ۾ ايم آر ڊي سان لاڳاپي بدران مارشل لا حڪمرانن سان نفرت جي بنياد تي وڏي چڙهي حصو وٺي رهيا هئا. آئون به ايم آر ڊي جي مظاهرن ۽ جلوسن ۾ شريڪ ٿيندو هيس. جلوسن ۾ شامل اڪثر ماڻهن کي ايم آر ڊي جي نقطي نظر ۽ مطالبن سان ڪابه دلچسپي نه هوندي هئي، هو فقط ان ڪري تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته اها جدوجهد فوجي حڪمرانن خلاف هلي رهي هئي. اهو ئي سبب هيو جو ان تحريڪ ۾ اهي قومپرست پارٽيون، اديب، ليکڪ ۽ صحافي شريڪ ٿي رهيا هئا، جيڪي ايم آر ڊي ۾ شامل پارٽين جي سياسي نقطي نظر سان اختلاف رکندا هئا. فوجي حڪمرانن سنڌ ۾ ان تحريڪ کي سختي سان ڪچلڻ شروع ڪيو. ايم آر ڊي تحريڪ دوران 29 سيپٽمبر 1983ع تي سڪرنڊ کان ڪجهه ڪلوميٽر پري نيشنل هاءِ تي ڳوٺ پنهل چانڊيو سميت ڪجهه ٻين وسندين جي ڳوٺاڻن پاڪ ڪتاب کڻي ڌرڻو هنيو. معصوم ۽ ٻي هٿيار ڳوٺاڻا روڊ تي قرآن خواني ڪري رهيا هئا ته فوج جي گاڏين سندن گهيراءُ ڪري ورتو ۽ کين ڌرڻو ختم ڪرڻ جو چتاءُ ڏيڻ بنا مٿن جديد هٿيارن سان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني. جنهن ۾ 16 ڳوٺاڻا تڏي تي شهيد ڪيا ويا. جڏهن ته 45 کان وڌيڪ سخت زخمي ٿي پيا. جن کي فوجي ٽرڪن ۾ سٽي نواب شاهه اسپتال نيو ويو. ڌرڻي واري هنڌ تان جلوس جي اڳواڻي ڪندڙ پنهل خان چانڊيو سميت ڪيترائي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. جڏهن سڪرنڊ ۾ ان واقعي جي خبر پئي ته شهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو.

ڪاروبار بند ٿي ويو ۽ سوين ماڻهو رستن تي نڪري آيا. جن فوجي حڪومت خلاف سخت ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪيو. آئون ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي نيشنل هاءِ وي بند هجڻ سبب سائيڪلن تي چڙهي پنهنجي مان ننڍين ننڍين پيچرن رستي ڳوٺ پنهل خان چانڊيو پهتاسين. جتي هر گهر ۾ ماتم متل هيو. مون کي ياد ٿو پوي ته ان موقعي تي سائين جي ايم سيد جو پٽ امداد محمد شاهه شهيدن جا لاش کڻائي پهتو ۽ سندن تدفين جو

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ڏاڙي مگسي ۾ ملهايل شام جي موقعي تي ٻين سماج سڌارن سان گڏ اسٽيج تي ويٺل آهيان

بندوبست ڪيو ويو. ان قتل عام خلاف سڪرنڊ سميت نواب شاهه. قاضي احمد ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيئي ڏينهن مڪمل هڙتال رهي ۽ احتجاجي مظاهرا ٿيندا رهيا. جن ۾ سنڌي ماڻهو بنا ڪنهن پارٽي وابستگيءَ جي شريڪ ٿيندا رهيا.

لکڻ جي شروعات

منهنجو شروع کان ئي ڪتاب خريد ڪري يا دوستن کان وٺي پڙهڻ ڏانهن لاڙو هوندو هو. خاص ڪري سائين جي ايم سيد جا ڪافي ڪتاب مطالعو ڪيا. ان سان گڏ ڊاڪٽر نجم عباسي جون ڪهاڻيون، تنوير عباسي جي شاعري جا ڪتاب سميت ان وقت ۾ شايع ٿيندڙ ادبي رسالا شوق سان وٺي پڙهندو هيس. انهن ڏينهن ۾ سائين جي ايم سيد جي هڪ ڪتاب ”جيئن ڏٺو آهي مون“ تي ڪافي گوڙ متل هيو. مذهبي ذرين جي ماڻهن ان ڪتاب لکڻ تي سائين جي ايم سيد کي پنهنجي طرفان ڪافر قرار ڏئي ڇڏيو ۽ حڪومت به ملن جي دٻاءُ ۾ اچي ڪتاب تي پابندي مڙهي ڇڏي. ڪتاب جي حمايت ۽ مخالفت ۾ ڳالهيون ٻڌڻ بعد مون ۾ به ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ جو شوق جاڳيو. هڪ دوست کان ڪتاب هٿ ڪري وقفي وقفي سان ٻه ڪان ٽي پيرا ڪتاب جو مطالعو ڪيو. جنهن بعد ئي مون کي ڳالهيون سمجهه ۾ اچڻ لڳيون. اصل ۾ ان ڪتاب منهنجي نظرين ۽ خيالن ۾ وڏي تبديلي آندي. سائين جي ان



حيدرآباد: پهرين مئي جي موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي

ڪتاب مون کي نئين علم ۽ فڪر کان ورشناس ڪرايو. ڪاليج جي دور ۾ ئي ڪچيون پڪيون لکڻيون لکڻ شروع ڪيون. جڏهن ته 1979ع ۾ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي مان امداد علي اوڊو سنڌ سجاڳ رسالو ڪڍندو هو، ان ۾ لکڻ شروع ڪيو. ان وقت ملڪ تي جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا مڙهيل هئي، لکڻ، ڪتاب ڇپائڻ وغيره وڏي جوکم جو ڪم هوندو هو.

قاضي فيض محمد، تاج جويو ۽ ظفر عباسي سان گڏ

منهنجو شروع ۾ مارڪسزم ۽ لينن‌زم ڏانهن لاڙو هوندو هو. اردو سميت سنڌي ٻولي ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم تي ڪافي ڪتاب مطالعو ڪيا. آئون روس جي سوشلسٽ اڳواڻ ڪامريڊ جوزف اسٽالن کان ڪافي متاثر هيس، جنهن ڪري فوجي حڪومت دوران اصل نالي بدران لکڻ لاءِ "رڪ سنڌي" تخلص اختيار ڪيو. منهنجو اهو تخلص ايترو ته مشهور ٿيو، جو ماڻهن کان منهنجو اصل نالو غلام اصغر منگي وسري ويو. شروعاتي دور ۾ روزاني هلال پاڪستان ڪراچي ۾ به ڪافي مضمون لکيا. جن جو موضوع سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا مسئلا هوندا هئا. هلال پاڪستان ۾ فقير محمد لاشاري هفتيوار مئگزين ڪڍندو هو، جنهن ۾ منهنجا ڪافي مضمون شايع ٿيا.

سڪرنڊ ۾ رهائش دوران مشهور شاعر خاڪي جويو، عبدالحڪيم ارشد ۽ تاج جويو سميت مير محمد پيرزادي سان اڪثر ڪچهريون رهنديون هيون. اسان گڏجي سڪرنڊ ۾ ادبي سنگت کي به

فعال ڪيو ۽ سياسي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺندا رهياسين. اسان جي سنگت ۾ هڪ ٻيو دوست الطاف مگسي بہ هيو. جيڪو نہ فقط ليکڪ پر سٺو سماجي ڪارڪن بہ هيو. ادبي پروگرام ڪرائڻ ۾ ڪافي سرگرم رهندو هو. مون سان 24 ڊسمبر 1981ع تي سڪرنڊ جي ڳوٺ دڙي مگسي ۾ ڳوٺ سڏار سنگت طرفان شام ملهائي ويئي. ان پروگرام جو سڄي بندوبست الطاف مگسي طرفان ڪيو ويو هو. ان تقريب ۾ حاجي خان ڪيريو، مير حسن مگسي، ظفر عباسي، الطاف مگسي سميت ٻين دوستن منهنجي ادبي خدمتن تي تقريرون ڪيون. جڏهن تہ لانڍي جيل ۾ قيد نوجوان اديب ناز سنائي طرفان مون تي لکي موڪليل مقالو بہ پڙهي ٻڌايو ويو. سڪرنڊ ۾ رهائش دوران منهنجي ويجهن دوستن ۾ لطيف پيرزادو ۽ مشتاق سومرو بہ شامل هيا. جن سان اڪثر سياست تي بحث ٿيندا هئا ۽ تاريخي جايون گهمڻ جا بہ پروگرام رٿيا ويندا هئا. آئون، مشتاق سومرو ۽ لطيف پيرزادو گڏجي سنڌ جا تاريخي ماڳ گهمڻ جو پروگرام رٿيو. جنهن تحت ڪوٽڏجي قلعو، ڪوٽڏجي جا تاريخي آثار، هالاڻي جو تاريخي مندر ۽ ٻيون تاريخي جايون گڏجي ڏٺيون ۽ فوٽو گرافي بہ ڪئي. اپريل 1983ع ۾ مون، خاڪي جويو، ناز سهتو ۽ ٻين دوستن سان گڏجي ٺٽي ۾ مڪلي جي تاريخي قبرستان ۽ ٻين تاريخي هنڌن جو بہ ڏينهن سير ڪيو ۽ فوٽوگرافي پڻ ڪئي وئي. خاص ڪري ڪوٽڏجي جا قديم آثار ڏسڻ بعد ان بابت لکيل مواد هٿ ڪري پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اتان ئي منهنجو قديم تهذيب ۽ تاريخ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شوق پئدا ٿيو. مون کي ننڍي هوندي کان ئي تاريخي جايون ۽ قديم آثار ڏسڻ جو ڪافي شوق هوندو هيو. خاص ڪري سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪافي دلچسپي هوندي هئي. جيڪڏهن ڪو اهم ڪتاب مارڪيٽ ۾ دستياب نہ هوندو

هو تہ خاکي جويو جي گهر ۾ قائم ڪيل لائبرري مان ڪٽي پڙهندو هوس. خاڪي جويو وٽ گهر ۾ ڪافي وڏي لائبرري هوندي هئي. جنهن ۾ تاريخ، سياست ۽ شاعري سميت هر موضوع تي ڪيئي ڪتاب موجود هوندا هئا. خاڪي جويو جو جيئن تہ ڪاروبار ئي ڪتاب وڪرو ڪرڻ هوندو هو، ان ڪري هو هر سٺو ڪتاب پنهنجي لائبرري ۾ ضرور رکندو هو. مون شروع ۾ ڪميونزم ۽ سوشلزم تي ڪيترائي اهم ڪتاب خاڪي جويو جي لائبرري مان ڪٽي پڙهيا.

مون سڪرنڊ ۾ رهائش دوران سنڌي ٻولي ۾ ڪتاب شايع ڪرائڻ لاءِ جون 1984ع ۾ ساٿيهہ اشاعت گهر حيدرآباد جو بنياد وڌو. ان اشاعت گهر طرفان قومپرست لٽريچر سميت سوشلزم جي حوالي سان مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ڪرايا. جڏهن جنرل ضياءَ جي دور ۾ پريس تي پابنديون وڌيڪ سخت ڪيون ويون تہ ڪتاب ڪمپوز ڪرائڻ ۾ ڪافي مشڪلاتون پيش اچڻ لڳيون. جنهن ڪري ڪيترائي ڪتاب ڪمپوز ڪرائڻ بدران هٿ سان لکي آفسيٽ پرنٽنگ پريس تي شايع ڪرايا. مون آگسٽ 1989ع ۾ ماهوار رسالو سنڌو ڏارا سڪرنڊ ڪان جاري ڪيو. جنهن جو باقاعدي ڊڪليئريشن بہ حاصل ڪيو، پر وسيلن جي اڻ هوند سبب ٻن شمارن کان وڌيڪ ان رسالي کي جاري رکي نہ سگهيس.

ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران سرڪاري نوڪريءَ سبب اڪثر مهيني ۾ هڪ ڀيرو ڳوٺ سڪرنڊ وڃڻ ٿيندو هو. سو بہ تڏهن جڏهن پگهار ملندي هئي. شام جي وقت سنڌ دوست انقلابي تنظيم جي ساٿين سان اڪثر ڪراچيءَ جي ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ سنڌي آبادين ۾ ڪچهريون مچائيندا هئاسين. ڪچهرين جو موضوع سنڌ، سنڌي ماڻهو، سندن حق ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جهڙي اجگر شهر ۾ سنڌين جي ويڳاڻپ هوندا هئا.

هن شهر جا وارث هوندي، اتي جنهن نموني اسان ماڻهو (سنڌي) پاڻ کي اڪيلا سمجهندا هئاسين. ان احساس سبب ئي جدوجهد ڏانهن وڌيڪ مائل ٿيڻ فطري ڳالهه هئي. سنڌ دوست انقلابي تنظيم ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ ڪراچيءَ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ تي گهريو. پر وسيلن جي اڻاٺ سبب ڪڏهن ڪڏهن جيءُ جهري پوندو هو. 10 آڪٽوبر 1989ع تي سڪرنڊ ۾ والده لاڏاڻو ڪري وئي. آئون سڪرنڊ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس، تنظيم جي هڪ ساٿي بہ ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ مون سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿيو. پر ان وقت ڪيس مايوسي پلئہ پئي، جڏهن بس جي ڀاڙي جو معاملو آڏو آيو. مان بہ ان سلسلي ۾ سندس مدد ڪان لاچار هيس. جنهن ڪري اڪيلي سر سڪرنڊ وڃڻو پيو.

ڪراچي سي آءِ اي سينٽر ۾ قيد

والده جي ٽيجهي بعد واپس ڪراچي موٽي آيس. اسان وٽ اڪثر ڪري هڪ دوست نواب لغاري ايندو هيو. سهراب ڳوٺ وٽ ال آصف اسڪوائر جي هڪ فليٽ ۾ رهندا هياسين، اوچتو خبر پئي تہ هو گرفتار ٿي ويو آهي. جنهن ڪري اسان کي بہ خطرو جاڳيو تہ متان هو سنگت جا نالا ڪڍي. پوءِ ائين ئي ٿيو. 28 آڪٽوبر 1989ع جي رات فليٽ تي ستا پيا هئاسين تہ آڌي رات جو اوچتو پوليس لوهي در ڀڃي فليٽ ۾ داخل ٿي. پوليس مون، منهنجي سوٽ ظفر منگي ۽ هڪ دوست علي ڏني جوڻيجي کي پاڻ سان کڻي وئي. پوليس اسان کي ڪراچي جي صدر ايمپريس مارڪيٽ ڀرسان سي آءِ اي جي هڪ سينٽر ۾ بند رکيو. اسان

جي اکين تي ڏينهن رات پٽيون ٻڌل هونديون هيون. جڏهن تہ هٿ ۽ پير بہ قابو هوندا هئا. پوليس ان سينٽر ۾ لاڪپ کان سواءِ ڳجهيون کوليون بہ قائم ڪيون هيون. جيڪي هر پوليس آفيسر جي آفيس جي اندر ئي



نواب شاهہ ۾ مشهور ليکڪ ماڻڪ سان گڏ ظفر عباسي ۽ منهنجي ورتل تصوير

ٺهيل هيون. جن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فقط دريءِ جي سائيز جيترو ننڍو دروازو هوندو هو. ان کولي ۾ ٻي ڪابہ دري يا روشندان نہ هوندو هو. دري بند ٿيڻ بعد اندر انڌارو ڇائنجي ويندو هو. اسان کي جنهن کولي ۾ بند ڪيو ويو، اتي اڳ ئي هڪ قيدي موجود هيو. جيڪو پنهنجي ذات برفت ٻڌائي رهيو هو. هن اسان کي ٻڌايو تہ هو ڌاڙي جي ڪيس ۾ واڙيل آهي ۽ سندس واسطو سپر هاءِ وي پرسان برفتن جي هڪ ڳوٺ سان آهي. اسان کي ان سي آءِ اي سينٽر ۾ لڳاتار اڍائي هفتا بند رکيو ويو. اسان جي عزيزن کي گرفتاري جي تہ خبر پئي، پر ڪين اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ اسان کي ڪهڙي ٿاڻي تي رکيو ويو آهي. ظفر منگيءَ جو والد جيئن تہ پوليس ۾ آفيسر هيو، ان ڪري هن ڪراچي پهچي، پنهنجي پٽي پائين تي اثر رسوخ هلائي نيٺ اسان تائين پهچ حاصل ڪئي. جيئن تہ اسان جو

ڪنهن به قسم جي ڏوهه ۾ ڏوهارين سان ڪوبه واسطو نه هيو. ان ڪري اسان تنهي ڄڻن کي آزاد ڪيو ويو.

جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ طرفان 1983ع ۾ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ ايم آر ڊي جي مخالفت ڪئي وئي ته مون جيئي سنڌ تحريڪ کان پاسيرو ٿيڻ لڳس، ڇاڪاڻ ته ايم آر ڊي هلچل سنڌ ۾ جمهوريت جي بحالي کان وڌيڪ سنڌي ماڻهن جي قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جي شڪل اختيار ڪري رهي هئي. جنرل ضياءُ الحق جي فوجي حڪومت طرفان ان تحريڪ کي سنڌ ۾ بي رحميءَ سان ڪچلڻ پويان به سندس سنڌي قوم سان نفرت ۽ دشمني جو کليل اظهار هو. ان ئي تحريڪ دوران ڳوٺن تي فوجي چڙهايون ڪري ڪيئي ماڻهو ماريا ويا. ڳوٺن جا ڳوٺ تباهه ۽ برباد ڪيا ويا. اها سنڌي ماڻهن کي جمهوريت جي بحالي لاءِ هلايل هلچل جي سزا ڏيڻ بدران سندن وڌندڙ قومي شعور کي ڪچلڻ جي انتهائي بي رحم ڪوشش هئي. جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ جي باني سائين جي ايم سيد طرفان ان تحريڪ جي مخالفت ڪندي، ان کي ڪفن چورن جي تحريڪ قرار ڏنو ويو ته سنڌ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ خلاف سنڌي ماڻهن ۾ نفرت پئدا ٿيڻ فطري ڳالهه هئي. جڏهن سنڌي ماڻهو فوجي ڏاڍ ۽ بربريت جو شڪار ٿي رهيا هئا، انهن ئي ڏينهن ۾ سائين جي ايم سيد طرفان جنرل ضياءُ سان ٿيل ملاقاتن ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڏنو.

مون جيئي سنڌ تحريڪ جي پاليسين سان اختلاف ڪرڻ بعد ان کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري ڇڏي. جنهن بعد مون 1988ع ۾ سنڌ دوست انقلابي تنظيم ۾ باقاعدي ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. مون اصل ۾ سياست ۾ متحرڪ ڪردار سنڌ دوست انقلابي تنظيم جي پيلٽ

فارم تان ئي ادا ڪرڻ شروع ڪيو. ان تنظيم جو سربراھ ادريس چانڊيو هو. جڏهن تہ امير چانڊيو، جڳديش آهوجا، منظور شيخ ۽ صدر الدين پنهور سميت ٻيا بہ ڪافي پڙهيل لکيل ۽ باشعور دوست ان سٽ ۾ شامل هيا. پهريان تہ مون کي نواب شاھ ضلعي جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ 10 نومبر 1989 تي ڏوڪري ڀرسان ڳوٺ ڪاراٽي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سنڌ دوست انقلابي تنظيم جو مرڪزي ڪنوينشن ٿيو ۽ شهيد پنهل ٻگهئي جي ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾ مون کي تنظيم جو مرڪزي پريس ترجمان چونڊيو ويو. ان ئي ڪنوينشن ۾ تنظيم جي ادبي ونگ سنڌ ساهت سڀا بہ قائم ڪئي وئي، جنهن جو مون کي مرڪزي صدر چونڊيو ويو.

صحافت: عوامي آواز کان سفر

مون ڪراچي ۾ انسپيڪٽوريٽ آف مائنس ۾ ملازمت دوران ئي شام جي وقت ۾ اخبارن ۾ نوڪري بہ ڪرڻ شروع ڪئي. منهنجي رهائش انهن ڏينهن ۾ ڪراچي جي علائقي لياري ۾ هوندي هئي. جتان روز صبح شام لياري کان صدر واري آفيس ايندي ويندي رستي ۾ عوامي آواز جو آفيس ڀرسان لنگهڻ ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آفيس ۾ اندر وڃي روزاني عوامي آواز جي ڪاپي بہ وٺي ايندو هوس. هڪ ڏينهن عوامي آواز جي آفيس ويس تہ اتي منهنجي نظر فقير محمد لاشاري تي پئجي وئي.

جنهن سان ڇاڻ سڃاڻ هجڻ ڪري ساڻس وڃي هٿ ملايم. هن حال احوال ڪندي چيو ته شام جو واندڪائي اٿئي، هتي اچي اسان سان گڏجي ڪم ڪندو ڪر. فقير لاشاري ان وقت عوامي آواز ۾ چيف ايڊيٽر طور مقرر ٿي آيو هو. مون ڪجهه ڏينهن بعد ساڻس ٻيهر ملاقات ڪري عوامي آواز ۾ ڪم ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ته هن ان ئي وقت مون کي هڪ ڊگهي ٽيبل جي ڪنڊ تي وهڻ لاءِ چيو. جتي اڳ ئي سيف ٻنوي ۽ ٻيا دوست ڪم ڪري رهيا هئا. مون پراڻن واسطن سبب فقير لاشاري کان اهو به نه پڇيو ته مون کي ڪهڙي پوسٽ تي ۽ ڪيتري پگهار تي نوڪري ڏني وئي آهي. اهڙي طرح 1990ع ۾ منهنجي صحافت ۾ اچڻ جو بنياد عوامي آواز بڻجي وئي. جتي مون سب ايڊيٽر ۽ بعد ۾ نيوز ايڊيٽر طور ڪيئي سال ذميواريون نڀايون. عوامي آواز جي شروع واري دور ۾ ٽي پارٽنر هر هڪ امداد علي اوڍو، ڊاڪٽر جبار خٽڪ ۽ ناصر داد بلوچ هوندا هئا، جڏهن ته فقير محمد لاشاري چيف ايڊيٽر ۽ سهيل سانگي ايڊيٽر طور ذميواريون نڀائي رهيا هئا. جڏهن امداد علي اوڍو عوامي آواز کي الوداع ڪري سنڌ سڃاڻ کي 1991ع ۾ روزاني اخبار طور جاري ڪيو ته مون کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. پر سنڌ سڃاڻ هڪ روزاني اخبار طور جاري رهي نه سگهي ۽ ان ڊمي جي صورت اختيار ڪري ورتي.

انهن ئي ڏينهن ۾ فقير محمد لاشاري به پنهنجي ڪجهه دوستن جي سهڪار سان جنوري 1991ع ۾ نئين اخبار روزاني جاڳو ڪراچي جاري ڪئي. جنهن جو پاڻ ايڊيٽر ۽ سردار قريشي کي نيوز ايڊيٽر طور مقرر ڪيو. پر سردار قريشي ۽ فقير لاشاري جي نظرين ۽ خيالن ۾ وڏو فرق هيو. جنهن ڪري ڪجهه ئي عرصي بعد فقير محمد لاشاري مون کي پاڻ وٽ گهرائي روزاني جاڳو جو نيوز ايڊيٽر مقرر ڪيو. اخبار جي

پهرين سالگرهه 23 جنوري 1992ع تي ملهائي وئي. ان مختصر تقريب ۾ فقير محمد لاشاري، مون، صحبت ٻرڙو، ڊاڪٽر ايوب شيخ. مينيجر اشوڪ ڪمار، چاچو هارون ٻگهيو ۽ ٻين دوستن جاڳو جي هڪ سال جي سفر تي روشني وڌي ۽ اخبار کي نئين جوش ۽ جذبي سان جاري رکڻ جو وچن ڪيو. ساڳي طرح اسان ساڳين دوست اخبار جي ٽين سالگرهه بہ 29 جنوري 1993ع تي ملهائي. ان وقت تائين اخبار پڙهندڙن جو وسيع حلقو پئدا ڪري چڪي هئي. خاص ڪري فقير محمد لاشاري جا ايڊيٽوريل اخبار جي خاص سڃاڻپ بڻجي ويا. سندس ايڊيٽوريل لکڻ جو هڪ خاص انداز هوندو هو، سنڌي صحافت ۾ اهو پهريون پيرو هيو جو هڪ اخبار جا ايڊيٽوريل عام پڙهندڙن سميت اقتدار جي اعلىٰ ايوانن ۾ پڙاڏو پئدا ڪرڻ لڳا.

ڪشمير جو دورو

ڪشمير پريس انٽرنيشنل جي ڊائريڪٽرز فاروق عادل ۽ عبدالقيوم فاروقي طرفان ڪراچي جي صحافين کي لائين آف ڪنٽرول جي صورتحال کان آگاهي ڏيڻ لاءِ آزاد ڪشمير جو دورو رٿيو ويو. جون 1993ع ۾ لائين آف ڪنٽرول جو دورو ڪيو ويو. جنهن ۾ مون سميت ڪراچي جي اخبارن جا سينئر صحافي شامل هيا. صحافين جي وفد کي چڪوٺي پرسان لائين آف ڪنٽرول جو دورو ڪرايو ويو. جڏهن تہ ايل او سي پرسان والاريل ڪشمير مان پناهگير تي آيل ڪشميرين سان بہ ملاقات ڪرائي وئي. پناهگيرن جي ڪئمپن ۾ اسان پارٽي ڏاڍاين سبب لڏپلاڻ

آزاد ڪشمير جي چڪوٺي واري علائقي ۾ ڪشميري مهاجرن جي ڪيمپ ۾ ٻارڙن سان گڏ بيٺل آهيان

ڪري آيل ڪٽنب سان ملاقات ڪئي. هنن جيڪي حقيقتون بيان ڪيون، ان بابت اسان سوين ميل پري رهندڙ صحافي بلڪل اڻ ڄاڻ هياسين. اخبارن کي جيڪي معلومات مهيا ڪئي پئي وئي، صورتحال ان جي ابتڙ هئي. ڪيمپن ۾ رهندڙ ڪشميرين جي حالت ڪا بهتر نہ هئي، مهاجر بنيادي ضرورتون پوريون نہ ٿيڻ تي انتظاميہ جي شڪايت ڪري رهيا هئا. مان جڏهن ڪيمپ ۾ فوٽو گرافي ڪري رهيو هوس تہ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سميت پوڙهن پڪن سان ڪچهري بہ ٿي. ان دوران هڪ 18، 19 سال جي ڪشميري نينگري منهنجي پرسان بيٺل هئي. جنهن موقعو ملندي ئي مون سان ڪچهري شروع ڪئي. هن ڳالهين ڳالهين ۾ چيو تہ اوهان مون کي هتان وٺي هلي، شهر ۾ رهايو. مان هتي رهي نہ ٿي سگهان. مون ڪيس ورندي ڏني تہ تنهنجا والدين ڪيئن اهو برداشت ڪندا. جنهن تي هن ٻڌايو تہ منهنجا والدين تہ فوت ٿي چڪا آهن. هي پربان پوڙهو ڏاڏو آهي. جيڪو مون کي نپائي نہ ٿو سگهي. ڳالهيون هلندي، اهو پيرسن بہ منهنجي پرسان اچي بيٺو ۽ ڇوڪري جون ڳالهيون

ٻڌندي، روئڻھارڪو ٿيندي ڪلڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. سندس منھن جي گھنجن ۾ ڪيئي بي وسيءَ جون ڪھاڻيون لڪل ھيون.

روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر شپ

اسان جڏھن ڪشمير جي دوري تان واپس اسلام آباد پھتاسين تہ اتي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڌرڻي جون تياريون زور شور سان جاري ھيون. شھيد بينظير ڀٽو طرفان 16 جولاءِ 1993ع تي اسلام آباد ۾ ڌرڻو رٿيل ھو. روزاني جاڳو جو ايڊيٽر فقير محمد لاشاري ڪجھ دوستن پيپلز پارٽي جي اڳواڻن محمد اسماعيل اڊيجو، جڳديش ملاڻي ۽ غلام قادر پليجو سان گڏ شھيد بينظير ڀٽو جي ڌرڻي ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد نڪتل ھو تہ 17 جولاءِ 1993ع تي لاھور ويجھو گجر خان وٽ روڊ حادثي جو شڪار ٿي ويو. ان حادثي ۾ فقير محمد لاشاري، ڊاڪٽر محمد اسماعيل اُڊيجو ۽ جڳديش ڪمار ملاڻي وفات ڪري ويا. جڏھن تہ غلام قادر پليجو سخت زخمي ٿي پيو.

روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر فقير محمد لاشاري جي 17 جولاءِ 1993ع تي روڊ حادثي ۾ وفات بعد ڪجھ ئي ڏينھن کان پوءِ مون کي اخبار جو ايڊيٽر ۽ پبلشر مقرر ڪيو ويو. جيئن تہ روزاني جاڳو اخبار جي مالڪن ۾ پي پي اڳواڻ غلام قادر پليجو، سراج الحق ميمڻ، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا شامل ھئا. جيئن تہ روڊ حادثي ۾ اخبار جو مکيہ شيئر ھولڊر غلام قادر پليجو سخت زخمي ٿيڻ سبب اسپتال داخل ھيو. سندس

غير موجودگيءَ ۾ سراج الحق ميمڻ صاحب اخبار جا معاملا سنڀالي رهيو

ٻي ٻي جي چيئرپرسن محترما بينظير ڀٽو پريس ڪانفرنس بعد سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن سان گڏ بيٺل آهي

هو. جنهن ف م لاشاري صاحب جي وفات جي ڪجھ ئي ڏينهن بعد مون کي پاڻ وٽ گهرائي، اخبار جي ايڊيٽر شپ ۽ پبلشري جا فرض سرانجام ڏيڻ جو حڪم ڏنو. ان ئي ڏينهن قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ گهربل فارم پري سرڪاري ادارن ڏانهن روانا ڪيا ويا. سراج روزاني جاڳو ۾ هفتيوار ڪالم به لکندو هو. ان ڪري سندس اخبار جي آفيس ۾ اچڻ ٿيندو رهندو هو. مون جڏهن روزاني جاڳو ۾ نيوز ايڊيٽر طور ذميواريون سنڀاليون هيون ته سراج صاحب سان اڪثر ملاقات ۽ ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. آئون جيئن ته سنڌ جي تاريخ، قديم آثارن ۽ ٻولي جي حوالي سان ڪافي دلچسپي رکندو هوس، ان ڪري اڪثر ڪري سراج صاحب کان سنڌ جي تاريخ ۽ ٻولي بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هوس. پاڻ منهنجي تاريخ ۾ دلچسپي کي نظر ۾ رکندي هدايت نما حڪم ڪندو هو ته آئون سنڌ جي تاريخ تي وڌيڪ مطالعو ڪرڻ سان گڏ لکڻ جي به ڪوشش ڪيان. سراج صاحب جي ئي

هدايت نما حڪم بعد مون اڳتي هلي سنڌ جي تاريخ تي لکڻ جي شروعات ڪئي.

جاڳو جي ايڊيٽر شپ دوران پي پي جي سربراهه ۽ ان وقت مخالف ڌر جي سربراهه محترما بينظير ڀٽو سان ڪافي ڀيرا ملاقاتون ٿيون. 2 آگسٽ 1993ع تي محترما پنهنجي گهر مختلف اخبارن جي ايڊيٽرن سان گڏجاڻي ڪئي. جتي جاڳو جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مون کي به دعوت مليل هئي. پريس ڪانفرنس کان اڳ بينظير ڀٽو غير رسمي ڳالهه ٻولهه دوران پڇا ڪئي ته جاڳو جو ايڊيٽر آيل آهي. جنهن تي مون

پي پي جي چيئرپرسن محترما بينظير ڀٽو سنڌي اخبارن جي ايڊيٽرن سان گڏجاڻي ڪندي

ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايو. جنهن تي بينظير صاحبه پنهنجي سيڪريٽري کي چيو ته هي شهيد فقير محمد لاشاري جي اخبار جو ايڊيٽر رڪ سنڌي آهي. جنهن تي سندس سيڪريٽري منهنجو نالو ڊائري ۾ نوٽ ڪري ورتو. مون کي خبر نه هئي ته محترما منهنجو سيڪريٽري سان ذڪر چو ڪيو.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن ۽ مخالف ڌر جي سربراهه محترما بنيظير ڀٽو طرفان نواز شريف جي حڪومت خلاف هلايل تحريڪ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ 6 آڪٽوبر 1993ع تي عام چونڊون ڪرايون

ويون. جنهن ۾ پي پي 89 سيٽون حاصل ڪري ورتيون. جڏهن تہ مسلم ليگ (ن) 73 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. عام چونڊن ۾ ڪنهن بہ پارٽيءَ کي گهربل اڪثريت نہ ملي سگهي. جنهن بعد ٻنهي پارٽين اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ننڍين ننڍين پارٽين، گروپن ۽ آزاد اميدوارن سان جوڙ توڙ شروع ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن محترما بينظير ڀٽو قومي اسيمبلي ۾ 121 ميمبرن جي حمايت حاصل ڪري 26 آڪٽوبر 1993ع تي وزيراعظم چونڊجي وئي. جڏهن تہ مسلم ليگ (ن) جي سربراه نواز شريف کي فقط 72 ووٽن جي حمايت ملي سگهي.

سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ واضع اڪثريت سان ڪاميابي

ڪراچي : وڏو وزير سيد عبدالله شاهہ چيف منسٽر هائوس ۾ هڪ صحافي سان منهنجو تعارف ڪرائيندي

ماڻي ورتي ۽ پي پي طرفان سيد عبدالله شاهہ کي سنڌ جو وڏو وزير نامزد ڪيو ويو. 17 نومبر 1993ع تي نامزد وڏي وزير سيد عبدالله شاهہ مختلف اخبارن جو دورو ڪري ايڊيٽرن سان ملاقاتون ڪرڻ شروع ڪيون. ان ئي سلسلي ۾ عبدالله شاهہ صاحب روانو جاڳو جي آفيس بہ مون سان

ملاقات ڪرڻ آيو. ساڻس سيد پرويز علي شاهه ۽ ٻيا پي پي اڳواڻ به گڏ

ڪراچي: روزاني جاڳو جي آفيس ۾ اچڻ تي سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه جو آڌرڀاءُ ڪندي

هئا. جيئن ته جاڳو اخبار اليڪشن کان اڳ نواز شريف جي حڪومت دوران پي پي جي کلي حمايت ڪئي هئي. جنهن ڪري اليڪشن ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ بعد پي پي طرفان ٻين سنڌي اخبارن جي ڀيٽ ۾ روزاني جاڳو کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ فطري ڳالهه هئي. روزاني جاڳو جي دوري دوران عبدالله شاهه سنڌ جي مسئلن تي کلي ڳالهايو. خاص ڪري ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪردار کان سخت ناراض هيو. نامزد وڏي وزير عبدالله شاهه منهنجي سوالن دوران اهڙيون ڳالهيون به ڪيون، جيڪي هو پارٽي جي پاليسي سبب عام پبلڪ اڳيان ڪري نه ٿي سگهيو.

ترڪيءَ جو سفر

محترما بينظير ڀٽو وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ بعد پنهنجو پهريون پرڏيهي دورو ترڪي جو رٿيو. انهن ڏينهن ۾ آئون لياري ۾ رهندو هوس. هڪ ڏينهن صبح جو گهر تي ڪجهه آفيسر گاڏيءَ ۾ آيا ۽ ٻڌايو ته هو پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ طرفان آيل آهن. انهن مون کي ٻڌايو ته وزيراعظم صاحبه ساٿس ترڪي ويندڙ وفد ۾ اوهان کي به شامل ڪيو آهي. ان ڪري اوهان پنهنجو پاسپورٽ ڏيو ته اسلام آباد موڪلي ڏيون. جيئن ته منهنجو ان کان اڳ پاسپورٽ ٺهيل نه هو، ان ڪري کين ٻڌايو ته مون وٽ پاسپورٽ موجود ناهي. پي آءِ ڊي جي انهن آفيسرن شام جو ساڻن سندس آفيس ۾ اچي ملڻ جو چيو ۽ واپس هليا ويا. جيئن ته مون وٽ پاسپورٽ ٺهيل نه هيو ۽ اها به خبر هئي ته پاسپورٽ ٺهڻ ۾ 3 هفتا لڳي سگهن ٿا. ان ڪري شام جو آئون ساڻن ملڻ ئي نه ويس. ٻئي ڏينهن منجهند جي ٽائيم تي ساڳيا آفيسر پهتا ۽ مون کي چيو ته اسان کي وزيراعظم هائوس مان سخت هدايتون آهن. اوهان اسان سان گڏ پاسپورٽ آفيس هلو. جنهن تي مان ۽ اهي آفيسر صدر ۾ پاسپورٽ آفيس پهتاسين. جتي هنن هنگامي بنيادن تي منهنجو گريٽس پاسپورٽ ٺهرائي ورتو ۽ ان ئي شام جو 5 ڊسمبر 1993ع تي وزيراعظم هائوس اسلام آباد روانو ڪري ڇڏيو.

وزيراعظم محترما بينظير ڀٽو طرفان 10 ڊسمبر کان 13 ڊسمبر 1993ع 4 ڏينهن ترڪي جو دورو رٿيل هو. آئون ڪراچي جي ڪجهه ايڊيٽرن سان گڏ پي آءِ اي جي اڏام ذريعي ڪراچي کان اسلام آباد پهتس. جتان وزيراعظم جي وفد سان 10 ڊسمبر تي ترڪش ايئر لائين جي جهاز ۾ ترڪي روانا ٿياسين.

10 ڊسمبر 1993ع تي ترڪيءَ جي گاديءَ واري شهر انقره پهتاسين، جتي پهريان وفد جديد ترڪي جي باني ڪمال اتاترڪ جي مزار تي حاضري ڀري. رات جو ترڪيءَ جي وزيراعظم تانسو چلر جي گهر ۾ ماني جي دعوت ڪئي وئي. 11 ڊسمبر تي ترڪيءَ جي صدر طرفان منجهند جو مانيءَ جي دعوت ڪئي وئي. ان کان اڳ وزير اعظم ڀٽو هلٽن هوٽل ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي. انقره ۾ درجي حرارت ڏينهن جو 5 ڊگري سينٽي گريڊ هيو. جڏهن ته رات جو ڪاٽو 3 ڊگري سينٽي گريڊ تي ويو. استنبول ۾ ڏينهن جو 10 ڊگري سينٽي گريڊ ۽ رات جو 4 ڊگري سينٽي گريڊ تي ويو. انقره ۾ اسان کي هوٽل هلٽن ۾ رهايو ويو.

ساڳي ڏينهن 11 ڊسمبر تي شام جو هوائي جهاز ذريعي استنبول جي اتاترڪ هوائي اڏي تي پهتاسين. جتان ايوب سلطان مسجد جو دورو ڪيو ويو. جنهن بعد سوئز هوٽل پهتاسين. 12 ۽ 13 ڊسمبر تي استنبول ۾ رهياسين. استنبول ۾ شيرٽن هوٽل ۾ رهايو ويو. انقره جي هلٽن هوٽل ۾ ٺهيل انقره ڪيسينو تمام خوبصورت هجڻ سان گڏ دنيا جهان جي مهمانن سان ڀريل هيو. ان ڪيسينو ۾ ترڪش موسيقي ۽ ڊانس مان ڪافي لطف اندوز ٿياسين. ترڪي جو ڪلچر ٻين مسلمان ملڪن جي ڀيٽ ۾ يورپ کي وڌيڪ ويجهڙائپ رکندڙ ۽ سيڪيولر هيو.

ترڪيءَ جي هن دوري ۾ وزيراعظم بينظير ڀٽو سان آصف علي زرداري، دفاع جو وفاقي وزير آفتاب شعبان ميراڻي، پرڏيهي معاملن جو وفاقي وزير سردار آصف احمد علي، مخدوم امين فهيم، بيگم امين فهيم، آغا مرتضیٰ پويا، حسين حقاني، صحافين ۾ جنگ اخبار جو مالڪ مير شڪيل رحمان، مجاهد بريلوي، مريانا بابر، جي اين مغل، نذير بخاري، اظهر سهيل، سجاد بخاري ۽ آئون شامل هياسين.

استنبول ۾ ڪافي مارڪيٽ ۽ تاريخي جايون ڏسڻ جو موقعو مليو. رات جو ريڊيو پاڪستان جي ڪنٽرولر نيوز نذير بخاري منهنجي ڪمري تي آيو ۽ چيائين ته هل ته شهر جو چڪر هڻي اچون.ترڪي پهچڻ تي اسان کي جيڪو گائيڊ لائين طور ڪتابچو ڏنل هيو. ان ۾ اهي واضح هدايتون مليل هيون ته اسان ترڪش سرڪاري گائيڊ کان سواءِ ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪيون ۽ ترڪ شهرين سان هروڀرو ملاقاتون به نه ڪيون. ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ ترڪي ۾ ڪرد باغين طرفان دهشتگردي جون ڪارروايون جاري هيون. بهرحال نذير بخاري جي زور ڀرڻ تي ٻئي ڄڻا شهر گهمڻ نڪري پياسين. هڪ رستي تان گذرندي اوچتو هڪ ترڪش شهري ٽڪرائجي ويو. هن اسان کي شڪلين مان سڃاڻي چيو ته اوهان پاڪستاني آهيو. اوهان اسان جا ڀائر ۽ دوست آهيو. ان ڪري منهنجي خواهش آهي ته اوهان مون سان گڏ ڀر واري ڪلب ۾ هلي، منهنجي طرفان ڊرنڪ وٺو. نذير بخاري ۽ مون سندس شڪريو ادا ڪندي، هلڻ کان معذرت ڪئي، پر جن ڇڏي، پوت ڇڏي واري ڪار ٿي. هو منٿون ميڙون ڪري اسان کي هڪ نائيٽ ڪلب ۾ وٺي هليو. هن ٻڌايو ته هي ڪلب سندن هڪ عزيز جي آهي. ڪلب جي اندر روسي رياستن سميت ترڪي جون ڇوڪريون ڊانس ڪري رهيون هيون. انتهائي رنگين ماحول هيو. اسان جي ميزبان شراب جو آرڊر ڏنو. جيڪو اسان کان وڌيڪ پاڻ پيئندو رهيو. ان وچ ۾ هو ڪلب جي اسٽاف سان به ملندو ۽ پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائيندو اوچتو ڪلب مان غائب ٿي ويو. اسان سندس ڪافي وقت انتظار ڪيو ۽ ڪلب جي مينيجر کان پڇيو ته اوهان جو عزيز اسان کي هتي ويهاري ڪيڏانهن هليو ويو ته هنن ٻڌايو ته هو به اوهان وانگر هڪ گراهڪ هيو. اسان ڪيس نه ٿا سڃاڻون. جڏهن اسان بل جي ڳالهه ڪئي ته مينيجر چيو ته هو اوهان سان گڏ آيل هو. هن ڪوبه بل ادا نه ڪيو

آهي. ان ڪري بل اوهان کي ادا ڪرڻو پوندو. جڏهن هزارين روپين جو بل پيش ڪيو ويو ته اسان جا ته پگهر نڪري ويا. اسان هوٽل تان نڪرڻ وقت ايترا پئسا پاڻ سان کڻي نه آيا هئاسين. جڏهن ڪلب وارن کي ان صورتحال کان آگاهه ڪيو ته هنن جواب ڏنو ته اوهان بل ادا ڪرڻ کان سواءِ ڪلب مان ٻاهر نه ٿا وڃي سگهو. اسان جڏهن کين ٻڌايو ته وزيراعظم جي وفد ۾ شامل آهيون، ته هن سخت ناراض ٿيندي چيو ته جيڪڏهن تانسو چلر ٻه هجي ها ته اها ٻه بل ادا ڪرڻ کان سواءِ باهر نه ٿي وڃي سگهي. بهرحال وڏي بحث مباحثي کان پوءِ هنن مون کي اجازت ڏني ته هوٽل تان وڃي پئسا کڻي اچان. ايستائين نذير بخاري سندن وٽ موجود رهندو. آخرڪار مون هوٽل تي پهچي، وفد جي ڪنهن ٻه ميمبر سان اهڙو ذڪر ڪرڻ بدران پئسا کڻي اچي نائيٽ ڪلب وارن کي ڏنا، جنهن بعد نذير بخاري جي بازيابي عمل ۾ آئي.

انقره ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ مقرر ٿيل ايجوڪيشن اتاشي سيد ارشاد علي شاهه سان ڪافي ڪچهريون ٿيون. هو سفارتخاني ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ اڪيلو ڪامورو هيو. هن ٻڌايو ته ترڪ تمام گهڻا قومپرست آهن، هو ڌاري ٻولي ۾ ڳالهائڻ کي عيب سمجهندا آهن. ترڪي ۾ اسان کي هوٽل ۾ جيڪي اخبارون ڏيندا هئا، اهي سڀ ترڪش ٻولي ۾ هونديون هيون. اسان جڏهن هوٽل جي اسٽاف کان انگريزي اخبار جي پڇا ڪئي ته هنن ٻڌايو ته ترڪي ۾ فقط هڪ اخبار انگريزيءَ ۾ شايع ٿيندي آهي.

اسان استنبول جي ڪورڊ بازار مان خريداري ڪئي. جڏهن ته انقره جي اتاڪولي ٽاورس مارڪيٽ مان خريداري جو ٻه موقعو مليو. ترڪي ۾ شيون پاڪستان کان وڌيڪ مهانگيون هيون. خريداري وقت اسان لاءِ

منجهائيندڙ معاملو دڪاندارن سان ڳالهائڻ جو مرحلو هوندو هو. ڇاڪاڻ ته ڪوبه دڪاندار انگريزي ڳالهائڻ ته ڇا پر سمجهي به نه پيو سگهي. اسان خريداري وقت اڳهه پار ڪلڪيوليٽر تي لکي طئه ڪندا هئاسين. ترڪيءَ جو سڪو لرا به اسان لاءِ ڪافي مسئلا پيدا ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ ته ان وقت پاڪستان جي هڪ رپئي ۾ 463 ترڪش لرا ملن پيا. جڏهن ته هڪ ڊالر ۾ 14 هزار 300 لرا ملن پيا. دڪاندارن کي لرا ۾ ادائگي ڪرڻ تي پيري پئسن جي ڳڻتي ڏيڻي پوي پئي.

ترڪش ٻولي جا ڪافي لفظ سنڌي ۽ اردو ٻولي جي لفظن سان هڪ جهڙائي رکندڙ هيا. جيئن چائي (چانهن لاءِ) ، قلم (پينسل لاءِ)، راحت (آرام لاءِ)، صبح ، اڪ شام (شام)، ميوي (ميوو)، سائين (مسٽر) لاءِ ڪتب آندو پئي ويو. ترڪي پهچڻ جي پهرين ڏينهن آئون مختلف تقريبن لاءِ مليل دعوت ناما ڏسي اچرج ۾ پئجي ويس. جن تي نالي اڳيان رومن الفابيٽ ۾ سائين لکيل هو. جيئن سائين رڪ سنڌي، سائين نذير بخاري وغيره. بعد ۾ پتو پيو ته مسٽر جو ترڪش زبان ۾ مطلب سائين آهي.

مير مرتضيٰ ڀٽو سان ملاقات

جڏهن پي پي جي حڪومت ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جلاوطني ختم ڪري 1993ع ۾ پاڪستان پهتو ته هن پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات انتهائي جارحاڻي انداز سان ڪرڻ شروع ڪئي. ڪراچي ۾ مير

مرتضيٰ ڀٽو جا ساٿي به خاص ڪري اڳرائي واري سياست جي حوالي سان

ڪراچي: مير مرتضيٰ ڀٽو ملاقات بعد شهيد ڀٽو طرفان پوکيل گل ڏيکاري رهيو آهي

مشهوري ماڻي چڪا هئا. مير جي اچڻ بعد سندن جارحاڻو انداز انتهائي شدت اختيار ڪري ويو. خاص ڪري هو پنهنجي پارٽي ۽ قيادت جي باري ۾ ڪابه تنقيد برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا هئا. ان ڪري سندن شروعات ۾ ئي ميڊيا سان ٽڪراءُ ٿيو. جيئن ته روزانو جاڳو اخبار جي پاليسي پي پي نواز هئي، ان ڪري روزاني جاڳو مير جي ساٿين جي ڪاوڙ جو خاص نشانو بڻجڻ لڳي. مون کي مير جي ڪجهه ساٿين طرفان ڌمڪيون به ڏنيون ويون ته اوهان مير جي خبرن کي ڪوريج نه ٿا ڏيو. جڏهن ته اخبار جي پاليسي ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه شامل نه هئي. اخبار ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي پارٽي پي پي (شهيد ڀٽو) کي مناسب ڪوريج ڏني ويندي هئي. اخبار طرفان ڪڏهن به ايڊيٽوريل يا مضمونن ۾ پي پي (ش ڀ) کي دانستا طور نشانو نه بڻايو ويو. اصل ۾ اخبار جي مالڪ يعني چيف ايگزيڪيوٽو غلام قادر پليجي جو واسطو پي پي سان هيو. ان ڪري مير مرتضيٰ ڀٽو جي ساٿين جي ذهن ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويهي

وئي تہ روزاني جاڳو پي پي جي ترجمان اخبار آهي. هڪ ڏينهن مون وٽ آفيس ۾ ڪجهہ نوجوان آيا ۽ پاڻ ڪي پي پي (ش ڀ) جو ڪارڪن

ڪراچي: 70 ڪلفٽن ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو اخبارن جي ايڊيٽرن سان ملاقات بعد گڏ بيٺل آهي

سڏائيندي، ڌمڪي ڏني تہ اوهان پنهنجي پاليسي تبديل نہ ڪئي تہ اوهان کي سبق سيکاريو ويندو. منهنجي رهائش انهن ڏينهن ۾ لياري ۾ هئي، جتي مير جي حامين جو وڏو انگ رهندڙ هيو. پي پي (ش ڀ) جي مبينا ڪارڪنن جي آفيس ۾ اچي ملاقات ڪان هڪ هفتو پوءِ نامعلوم ماڻهن اخبار جي فون نمبر تي رابطو ڪري ٻيهر ڌمڪي ڏني تہ اوهان لياري ۾ رهندڙ آهيو، ان ڪري اوهان لاءِ سٺو نہ ٿيندو. لڳاتار ٻہ ٽيہرا ڌمڪيون ملڻ بعد اخبار طرفان پي پي (ش ڀ) جي خبرن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. اخبار ۾ خاص مقالو لکي مير جي مبينا ساٿين جي ان عمل جي سخت مذمت ڪئي وئي. روزاني جاڳو کي ڌمڪين واري عمل جي مختلف اخبارن ۽ صحافين جي تنظيمن طرفان بہ سخت مذمت ٿيڻ لڳي. جيڪا صورتحال مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس پارٽيءَ لاءِ پريشان ڪندڙ هئي. ڪجهہ ئي ڏينهن بعد مير طرفان هڪ وفد موڪليو ويو. جنهن ملاقات ڪري چيو تہ مير صاحب، اوهان سان ملاقات ڪري غلط فهميون ختم ڪرڻ گهري ٿو. آخرڪار 29 جون 1994ع تي مير طرفان اخبارن جي سينئر صحافين ۽

ايڊيٽرن سان ملاقات جو پروگرام رٿيو ويو. جنهن جي مون کي بہ دعوت ڏني وئي، مير جي دعوت ۾ مون سميت ڪافي اخبارن جي ايڊيٽرن شرڪت ڪئي. ايڊيٽرن سان ملاقات ختم ٿيڻ بعد مير مرتضیٰ ڀٽو مون کي الڳ ملاقات لاءِ گهرايو. جنهن ۾ پاڻ پنهنجي ڪارڪنن طرفان روزاني جاڳو جي سٽ کي مليل ڌمڪين تي معذرت ڪئي. مير بابت مون وٽ جيڪو تصور جڙيل هيو، اهو پهرين ملاقات ۾ ئي تبديل ٿي ويو. هو انتهائي يار ويس قسم جو ۽ سلجهيل سياسي اڳواڻ نظر آيو. سندس پيار پرئي انداز ۾ ڳالهہ ٻولهہ ۽ دليلن سان بحث ثابت ڪيو تہ هو انتهائي ميچوئر قسم جو سياسي اڳواڻ ٿي اڀري رهيو هو.

بينظير ڀٽو ۽ ڪالاباغ ڊيم

وزيراعظم بينظير ڀٽو عهدو سنڀالڻ بعد سنڌي اخبارن مان سڀ کان پهريان روزاني جاڳو کي انٽرويو ڏيڻ جي درخواست قبول ڪري ورتي. ان وقت روزاني جاڳو جو چيف ايگزيڪيوٽو غلام قادر پليجو پي پي جي سيٽ تي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر بہ چونڊيل هيو. هن وزيراعظم کي روزاني جاڳو کي تفصيلي انٽرويو ڏيڻ جي گذارش ڪئي. جيڪا پاڻ قبول ڪري ورتن. وزيراعظم هائوس مان انٽرويو کان اڳ لکت ۾ سوال بہ گهرايا ويا. وزيراعظم سان انٽرويو لاءِ آئون بحيثيت ايڊيٽر، غلام قادر پليجو بحيثيت چيف ايگزيڪيوٽو ۽ سندس هڪ دوست لڪانو ڀهراڻي خاص عيوضي 31 جولاءِ 1994ع تي وزيراعظم هائوس پهتاسين. جتي بہ ڪلاڪ تي ڪلاڪ وزيراعظم سان تفصيلي انٽرويو ڪيو ويو. جيڪو روزاني جاڳو

سنڌ ۽ بلوچستان

جاڳو

وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو سان پينل انٽرويو ڪندڙ:

1- غلام قادر پليجو- چيف ايگزيڪيوٽو

2- غلام اصغر منگي (ره سنڌي)- ايڊيٽر

4- فوٽو گرافر- آغا فيروز

وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ 31- جولاءِ 1994ع تي وزيراعظم پاڪستان سان روزانو "جاڳو" ڪراچي ۽ جو اهم ۽ تفصيلي پينل انٽرويو

اسلام آباد ۽ ڪوئيٽا کي "وڀنس فري زون" قرار ڏنو ويو آهي ته جيئن ماڻهو پنهنجن هٿيارن ۽ لشڪرن سان شهرن اندر داخل نه ٿين. سنڌ حڪومت کي به ڪراچي بابت اهڙو مشورو ڏنو ويو آهي.

وزيراعظم بينظير ڀٽو جو روزاني جاڳو کي ڏنل انٽرويو جو عڪس

طرفان 8 آگسٽ 1994ع جي اشاعت ۾ رنگين ايڊيشن جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. ان انٽرويو دوران وزيراعظم بينظير ڀٽو سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف هلندڙ جدوجهد سبب سخت پريشان نظر اچي رهي هئي. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جي پرزور حامي هئي ۽ محترما وزيراعظم جي حيثيت ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ناراضگي برداشت ڪري نه پئي سگهي. وزيراعظم بينظير ڀٽو روزاني جاڳو کي انٽرويو دوران ڪالاباغ ڊيم جو نالو انڊس ڊيم رکي ان جي

اڏاوت جي خواهش جو اظهار ڪيو هو. سندس موقف هيو تہ جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم منصوبي ۾ ڦيرڦار ڪري انڊس ڊيم تعمير ڪيو وڃي تہ ان سان ٿرپارڪر جي 35 لک ايڪڙ زمين ۽ پنجاب جي 30 کان 40 لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي. آئون هيٺ وزيراعظم بينظير ڀٽو جي تفصيلي انٽرويو مان اها ڳالهہ ڀولهہ ڏئي رهيو آهيان. جيڪا فقط ڪالاباغ ڊيم بابت پڇيل سوالن جي جوابن دوران محترما طرفان ڪئي وئي هئي.

وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ آئون ۽ غلام قادر پليجو وزيراعظم بينظير کان انٽرويو وٺي رهيا آهيون

وزيراعظم بينظير ڀٽو جو انٽرويو

جڏهن اسان وزيراعظم بينظير ڀٽو کان تڪراري ڪالاباغ ڊيم بابت سوال پڇيو تہ سندس موقف هيو تہ:

اسان جي حڪومت، سڄي ڪابينا، پارلياماني گروپ، اسان سڀ آئين مطابق هلون ٿا. آئين ۾ پاڻي اهڙي قسم جو مسئلو آهي. جنهن جو انتهائي حساس نموني خيال رکيو ويندو آهي. ڪوبہ وڏو ڊيم ان وقت تائين ٺهي نہ ٿو سگهي، جيستائين چارئي صوبا ان تي رضامند نہ ٿين ۽ متفق نہ ٿين. اها ئي ڳالهہ هئي تہ ڪالاباغ ڊيم تي چار صوبا متفق نہ پيا ٿين، ٽن صوبن جا اعتراض آهن. خاص ڪري ٻن صوبن سنڌ ۽ سرحد جا سنجيده اعتراض آهن. ڪالاباغ ڊيم جي پروجيڪٽ کي اسان جڏهن 1988ع ۾ ڪنيو تہ اسان صاف چيو تہ سنڌ جا هي اعتراض آهن. سرحد جا هي اعتراض آهن. بلوچستان تي هي اثر پئجي سگهي ٿو. ان ڊيم کي جيڪڏهن اسان ڪالاباغ ڊيم بدران نالو بدلائي انڊس ڊيم ٺاهيون تہ ڇا اسين ننڍن صوبن جي ڳڻتي لاهي سگهون ٿا يا نہ؟ هڪ منصوبو اسان ٺاهيو هو، جنهن هيٺ سنڌ جي 35 لک ايڪڙ زمين کي پاڻي ملڻو هو. ٿرپارڪر جي رڻ ۾ جيڪا زمين آهي، ان کي اسان کي پاڻي ڏيڻو هو. يعني 35 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي هئي. اوهان پاڻ سوچيو تہ ڪيترن هارين کي روزگار ملي ها، سنڌ جي پيداوار ۾ ڪيترو اضافو ٿيندو. بلوچستان ۽ سرحد ۾ بہ اهڙي ڦيرگهير ڪئي وئي. پر اها ڳالهہ اسان سياستدانن جي نہ آهي، پر اها ٽيڪنيڪي ماڻهن جي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان سياستدان سياست ڪري سگهون ٿا. پر جيڪي ٽيڪنيڪل ڳالهيون آهن، انهن ۾ اسين ٻاهر نہ آهيون. پر هاڻي انڊس ڊيم جي اسڪيم ۾ اسان مڙني صوبن جي خطرن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ ۾ ڪمپيوٽر لڳائڻ جي رٿا رٿي آهي. هر ڪو صوبو پنهنجي صوبائي آفيس ۾ ويهي ڪمپيوٽر ٽيليويزن ذريعي پاڻي تي نظر رکندو، ٻڌڻ ڏيائڻ سان خبر پوندي تہ پاڻي ۾ ڪيترو چاڙهہ آهي ۽ پاڻي جي ڪيتري ليول آهي. جيڪو صوبو گهڻو متاثر ٿي سگهي ٿو

۽ ڪيس ڊپ آهي تہ اتي ئي پنهنجي صوبائي آفيس ۾ ويهي هڪڙو بٽڻ دٻائي معاملو طئہ ڪري وٺي. جيڪڏهن ڪيس خطرو محسوس ٿئي تہ پري وڃڻو نہ پوي. پر اهي سڀ معاملا ٽيڪنيڪل ماهرن جا آهن. انهيءَ جي باوجود جيڪڏهن ٽيڪنيڪل ماهر چون تہ نہ، تہ پوءِ اسان نہ ٿا ڻاهي سگهون. جيڪڏهن ٽيڪنيڪل ماهر چون ٿا ها، تہ پوءِ ها. هي ڪمپيوٽر ذريعي جيڪا ڦيرگير ڪئي وئي آهي، ان ذريعي سنڌ ۾ 35 لک ايڪڙ ۽ پنجاب ۾ 30 ڪان 40 لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي. جيڪڏهن ٽيڪنيڪل ماهر ها چوندا تہ اسان ڪالاباغ ڊيم ڻاهينداسين. اسان هڪ سياسي حڪومت آهيون، اسان اهو ڪجهہ ڪنداسين، جيڪو آئين مطابق آهي ۽ آئين مطابق پاڻيءَ تي چئني صوبن ڪي اتفاق ڪرڻو آهي. اسان جي خواهش آهي تہ ٽيڪنيڪل ماهر ان ۾ "ها" چون. چاڪاڻ تہ ان جا فائدا گهڻا آهن. .... پر جيڪڏهن انڊس ڊيم ٺهي سگهي تہ ان جا دور رس فائدا ٿيندا. ملڪ جي پئداوار ۾ اضافو ٿيندو، ملڪ جي پاڻي ۾ واڌارو ٿيندو. انهيءَ انڊس ڊيم ۾ اسان اهو بہ شرط رکيو آهي تہ چاڪاڻ تہ سلتيج ٿيندو آهي. ان ڪري ڊرينيج سسٽم گڏوگڏ ٺهي تہ جيئن سلتيج جو مسئلو، سم ۽ ڪلر جو مسئلو نہ رهي.

اسلام آباد اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس

پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ فخر الزمان چيئرمين اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، طرفان اسلام آباد ۾ اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. اها ڪانفرنس 9 آڪٽوبر 1994 کان 11 آڪٽوبر

1994ع تائين منعقد ڪئي وئي. هوٽل ميريٽ اسلام آباد ۾ ڪانفرنس جو افتتاح صدر فاروق احمد لغاري ڪيو. جتي احمد نديم قاسمي، ممتاز مفتي، انور سجاد ۽ ٻين سان ملاقاتون ٿيون. سنڌ مان ابراهيم جويو، يوسف شاهين، جمال ابڙو، شيخ اياز، امر جليل، رسول بخش پليجو، فهميده حسين، رڪ سنڌي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ ٻين اديبن سان سميت خاص ڪري پنجابي ٻولي جي اديبن سان ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو مليو. جيڪي ان قومي ڪانفرنس ۾ پنجابي ۽ سرائيڪي سميت ٻين مقامي ٻولين جي اديبن کي پهريون ڀيرو موقعو ڏيڻ تي پي پي حڪومت جي ساراهه ڪري رهيا هئا. ڪجهه پنجابي اديبن ان ڳالهه جو به اعتراف پئي ڪيو ته هو ئي پنهنجي مادري ٻولي پنجابي جي زوال جا ذميوار آهن. خاص ڪري نوجوان پنجابي ۽ سرائيڪي اديب اردو ٻولي جي هڪ هٽي خلاف جارحاڻو انداز رکندڙ هيا ۽ سنڌي عوام طرفان پنهنجي مادري ٻولي جي تحفظ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد کي ساراهي رهيا هئا.

ڪراچي کان حيدرآباد منتقلي

ڪراچيءَ ۾ حمزي خان پليجي طرفان 1998ع ۾ هڪ نيئن سنڌي اخبار روزاني ”سچ“ جاري ڪئي وئي. جنهن جو ايڊيٽر سنڌي ٻولي جي مشهور اديب آغا سليم کي مقرر ڪيو ويو. جنهن مون سان رابطو ڪري اخبار ۾ شموليت جي دعوت ڏني. اهڙي طرح 28 جون 1998ع تي مون کي روزاني جاڳو جو نيوز ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. اسان سان طئہ اهو ٿيل هيو ته اخبار جي هيڊ آفيس ڪراچي ۾ هوندي، پر ڇپائي لاءِ پرنٽنگ

پريس حيدرآباد ۾ رکي ويندي. ڪجهه مهينا تہ اخبار جو نيوز سيڪشن ڪراچي مان ئي اخبار تيار ڪري ڇپائي لاءِ حيدرآباد موڪليندو هيو. پر

روزاني جاڳو ڪراچي جي آفيس ۾ آغا سليم، ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ٻين سياسي اڳواڻن سان گڏ ورتل تصوير

حيدرآباد ۾ قائم ڪيل سب آفيس جي ڪجهہ دوستن حمزي خان پليجي کي ان ڳالهہ لاءِ قائل ڪري ورتو تہ روزاني سچ جي هيڊ آفيس بہ حيدرآباد ۾ هجڻ گهرجي ۽ ڪراچي جي نيوز اسٽاف کي حيدرآباد شفٽ ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ آئون ذاتي طور تي ان ڳالهہ جي خلاف هيس، ڇاڪاڻ تہ ڪراچي ۾ نيوز ڊيسڪ تي ڪم ڪندڙ سڀ ساٿي ڪراچي شهر ۾ رهندڙ هيا ۽ سندن لاءِ حيدرآباد منتقل ٿيڻ مشڪل هيو. بهرحال حمزي خان پليجي ۽ آغا سليم جي خاطرين تي آئون فيملي سميت حيدرآباد شفٽ ٿي آيس. مون کي ڪراچي کان حيدرآباد شفٽ ٿيڻ واري ان فيصلي تي هميشہ افسوس رهندو آيو. منهنجي ڪيريئر لاءِ اهو فيصلو انتهائي هاڃيڪار ثابت ٿيو. اخبار جي انتظاميہ جي ان فيصلي سبب ڪراچي ۾ نيوز ڊيسڪ تي ڪم ڪندڙ پيارا ساٿي ديدار جعفري ۽ ظفر ملاح متاثر ٿيا ۽ ڪين ملازمت ڇڏڻي پئجي وئي. جنهن جو مون کي

سخت افسوس رهيو. منهنجو ڪجهہ وقت روزاني سچ سان ساٿ هلندو رهيو. پر اخبار جي انتظاميہ جي ناتجربيڪاري سبب روزاني سچ گهڻو عرصو جاري رهي نہ سگهي ۽ ان کي ٻيهر ڪراچي منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ اڳتي هلي اخبار ڏمي ٽيڻ بعد بند ٿي وئي.

ڪراچي ڪميٽي يا سنڌ جي وحدت تي وار

سنڌ جي وحدت خلاف دشمن قوتن جون سازشون ان ڏينهن کان هلندڙ آهن، جنهن ڏينهن کان پيارو پاڪستان وجود ۾ آيو آهي. لياقت علي خان پنهنجي وزارت عظمیٰ دوران سنڌ خلاف جنهن مڪروهہ عمل جي شروعات ڪئي هئي. ان ڪي سندس پوئلڳ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري رکيو پيا اچن.ڪڏهن ڪراچي کي صوبي جو درجو ڏيارڻ تہ ڪڏهن وري ان کي سنڌ کان الڳ ڪري وفاق جي ماتحت ڪرڻ جون سازشون سٽيون پيون وڃن. خاص ڪري جڏهن کان مرڪز ۾ تحريڪ انصاف جي حڪومت قائم ٿي آهي تہ سنڌ خلاف خطرا وڌيڪ شدت سان آڏو اچي رهيا آهن. اسٽيبلشمنٽ ۽ ايم ڪيو ايم ملي ڪري ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ لاءِ هڪ مڪمل پلاننگ تحت ڪم ڪري رهيا آهن. ان ئي سلسلي ۾گذريل عام چونڊن دوران ڪراچي مان هڪ سازش هيٺ تحريڪ انصاف جا ڪجهہ اميدوار ڪامياب ڪرايا ويا ۽ ايم ڪيو ايم کي تحريڪ انصاف جي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سندن وچ ۾ اتحاد قائم ڪرايو ويو. وفاق ۾ پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ اتحاد بعد سنڌ جي ورهاڱي جي خواهشمند ڌرين کي جڻ تہ نئين زندگي ملي وئي آهي. خاص ڪري جڏهن هڪ ملڪ جو وزيراعظم (عمران خان) پنهنجي تقريرن ۾ سنڌ کي ڪراچي کان ڌار ڪري پيش ڪري ۽ اهو چوندو رهي تہ ڪراچي تي اندرون سنڌ جا ماڻهو حڪومت پيا ڪن تہ ان کان پوءِ سندس سنڌ لاءِ نيت تي ڪهڙو اعتبار ڪري سگهجي ٿو. تحريڪ انصاف جو گورنر عمران اسماعيل سنڌ جي گورنر هائوس ۾ ويهي پنهنجي ئي صوبي جي ورهاڱي جا ڪلم ڪلا اعلان ڪري ۽ سندن ڪراچي مان چونڊيل اسيمبلي ميمبر ايم ڪيو ايم کان بہ ٻہ وکون اڳتي وڌي ڪراچي جي سنڌ

کان علحدگي کي مڙني مسئلن جو حل قرار ڏين ته پوءِ سنڌي ماڻهو تحريڪ انصاف جي وفاقي حڪومت مان سنڌ جي خيرخواهي جي ڪهڙي اميد رکي سگهن ٿا. ڪجهه ڏينهن کان نام نهاد قومي (اردو) ميڊيا تان سنڌ جي ورهاڱي جي منظم مهم شروع ڪئي وئي آهي. هر ٽي وي ٽاڪ ۾ مکروهه ذهنيت رکندڙ اينڪر پرسن "سنڌ اور ڪراچي" جو ورد ڪندي سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ ماحول تيار ڪري رهيا آهن. ان لاءِ نه ته ڪو سرڪاري ادارو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار آهي نه وري ان گندي سوچ کي ميڊيائي ادارن کي ڪنٽرول ڪندڙ پيمرا ئي ڪو قدم کنيو آهي. ان سڄي مهم پويان نه فقط نسل پرست پناهگير دهشت پسند گروهه پر وفاقي حڪومت ۽ سنڌن پارٽي جو هٿ موجود آهي.

جنهن وقت ملڪ ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ايڪي ۽ اتحاد پئدا ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي، ان وقت پي ٽي آءِ حڪومت طرفان اهڙن قدمن جي شروعات ڪئي وئي آهي. جنهن سان ملڪ ۾ ايڪي ۽ اتحاد وارين ڪوششن کي نه صرف ڪاپاري ڌڪ رسي پر ملڪ منجهه نوان تڪرار ۽ دشمني جا خوفناڪ محاذ کلي پون. ان ئي سلسلي ۾ وفاقي حڪومت سنڌ کي نشانو بڻائي ملڪ دشمني واري عمل جي شروعات ڪئي آهي ۽ سنڌ جي ورهاڱي لاءِ عملي قدم کڻڻ شروع ڪيا آهن. وزيراعظم عمران خان طرفان 7 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ڪراچي مان چونڊجي آيل ايم ڪيو ايم ۽ تحريڪ انصاف جي اسيمبلي ميمبرن سان گڏجاڻي دوران ڪراچي جي صورتحال تي ڪاميٽي جوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان ڪاميٽي جي سربراهي قانون واري وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم اڳواڻ ڊاڪٽر فروغ نسيم جي حوالي ڪندي، ڪاميٽي ۾ پي ٽي آءِ ۽ متحده اڳواڻن کي ميمبر طور مقرر ڪيو ويو آهي. ڪميٽي ۾ وفاقي وزير خسرو بختيار، وفاقي وزير علي زيدي، ڊي جي ايف ڊبليو او ۽ ٻيا ميمبر شامل آهن.

ڪراچي ڪاميٽي جوڙڻ جو جواز ڪراچي جي مسئلن کي حل ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي پر ان ڪاميٽي جوڙڻ بابت سنڌ حڪومت سان صلاح

مشورو ڪرڻ يا ان ڪي اعتماد ۾ وٺڻ جي ڪابہ ضرورت محسوس نہ ڪئي وئي آهي. وفاق طرفان ڪنهن بہ صوبي جي مخصوص شهر جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي جوڙڻ خود آئين جي پيچڪڙي ۽ صوبائي خودمختياري جي سنگين لتاڙ آهي. ان قسم جي ڪاميٽي جوڙي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڄڻ تہ ڪراچي سنڌ جي گادي جو شهر نہ پر الڳ صوبي جي حيثيت رکندڙ هجي. وفاقي ڪاميٽي پويان هڪ گروهہ جي نسل پرست سوچ ان مان ئي ظاهر ٿئي تہ ان ۾ فقط هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ هڪ ئي سوچ رکندڙ ماڻهو شامل ڪيا ويا آهن. جن جي سنڌ جي وحدت خلاف ايجنڊا ڪنهن کان بہ لڪل نہ رهي آهي. ڇا سنڌ جي گادي واري شهر جا فيصلا اهي ماڻهو ڪندا، جن جو ماضيءَ جو رڪارڊ نہ فقط سنڌ دشمن پر ملڪ دشمني تي ٻڌل رهيو آهي. هتي سوال ٿو پئدا ٿئي تہ ڇا ڪراچي هڪ نسل پرست گروهہ جو شهر آهي. ڇا گذريل عام چونڊن ۾ هن شهر مان پي پي سميت ٻين پارٽين جا اميدوار چونڊجي نہ آيا آهن، ڇا انهن ماڻهن جي هن شهر تي ڪابہ وارثي نہ آهي. جيڪي صدين کان هن شهر جا مالڪ رهيا آهن ۽ هي شهر سندن صوبي جي گادي وارو شهر آهي. ڇا سنڌ ۾ اڪثريت سان حڪمراني ڪندڙ پارٽي کي فيصلن ۾ شامل نہ ڪري اهو تاثر نہ پيو ڏنو وڃي تہ وفاق عملي طور صوبن جي وجود کان انڪاري آهي ۽ ملڪ مٿان اڻ اعلانيہ ون يونٽ مڙهيو ويو آهي. وفاقي حڪومت جي ان عمل سان تعصب، نسل پرستي ۽ لسانيت واري سوچ کي هٿي ملي ٿي. جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ طرح ملڪ جي وحدت جي مفاد ۾ نہ آهي. وفاق جا ڪراچي بابت فيصلا ڪنهن هڪ پارٽي خلاف نہ پر هڪ قوم جي وجود تي منڌيئڙو ڏيڻ برابر آهن. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن کي بنا ڪنهن پارٽي فرق جي هن عمل خلاف سگهارو آواز بلند ڪري وفاق کي اهڙا فيصلا واپس وٺڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

(نوٽ: هي مضمون امرس (اصغر منگي رڪ سنڌي) جي نالي سان 15 سيپٽمبر 2019ع تي مختلف اخبارن ۾ شايع ڪيو ويو.)

صادق فقير راڳي، چانڊني تو سواءِ نہ ٿيندي

جڏهن هو ڳائيندو هو تہ سندس آواز سميت ساٿ ڏيندڙ ساز مان سنڌ جو درد ليئا پائيندو هو . اهو ئي سبب هو صادق فقير سنڌ جي سورن جو آواز بڻجي اڀريو . هن پنهنجي آواز ذريعي سنڌ جو نياپو لوڪ تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪئي . سياڻا چوندا آهن تہ ماڻهو ساز ۽ آواز ذريعي نياپو جلد سمجهندا آهن، تقريرن ۽ تحريرن کان وڌيڪ فن ذريعي نياپو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳندي آهي . ڇاڪاڻ تہ فن ماڻهن جي دلين ۾ پيهي ويندو آهي . ماڻهو جو من سرندي جي تارن ۽ فنڪار جي سر سان گڏ جهومندو آهي . سرمد هجي يا صادق هنن سنڌ جو نياپو سريلي آواز ۽ ساز ذريعي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي . ان ڪري اڄ صادق جي مرتئي تي سڄي سنڌ رني آهي . هر گهر ۾ هر مک تي اداسي ڇائنيل آهي . پرين سان نينهن نڀائڻ جو انداز ۽ پاڻ کي محبوب جي قدمن ۾ فدا ڪرڻ جو عزم جيڪڏهن سمجهڻو هجي تہ ان لاءِ اهي ورلاءَ ڪيئن وسرندا تہ،

سکي پيا کي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سوا نہ ٿيندي۔" پرين ڏانهن اهو نياپو تہ شاعر لکت جي صورت ۾ ڪتاب جي ورقن ۾ بند ڪري ڇڏيو . پر صادق ان کي پنهنجي آواز ذريعي جنهن سوز سان پريئن تائين پهچايو تہ ان ضرور پرين جي دل کي موهي وڌو هوندو . هر قوم جي

موسيقي جو انداز پنهنجو هوندو آهي . ساز ۾ سريلي آواز کي ڪڏهن به ترجمو ڪري نہ ٿو سگهجي، ان کي فقط دل سان سمجهي سگهجي ٿو . ان ۾ دماغ جو گهٽ واسطو هوندو آهي . فنڪار ڪهڙي به ٻولي ۾ ڳائيندو هجي، ٻڌندڙ پلي سندس ٻولي نہ بہ سمجهندو هجي . پوءِ بہ سر ۽ ساز سندن اندر کي ضرور موهيندو آهي . ٻولي بدران سر جا ورلاپ دل پاڻ ئي سمجهي ويندي آهي . جڏهن صادق سنڌ کان ٻاهر اهڙي هنڌ ڳائيندو هو، جتي سنڌي نہ سمجهندڙ موجود هوندا هئا، پر پوءِ بہ اهي سندس راڳ تي جهومندا هئا . ٻولي نہ سمجهندي بہ سندن دل اهو سمجهي وٺندي هئي تہ فنڪار سندن اندر جي ترجماني ڪري پيو . چاڪاڻ تہ فن ۽ موسيقي ڪنهن ٻولي جي محتاج نہ هوندي آهي . صادق فقير جو فن سرحدن جو محتاج نہ هيو . مٿيءَ جي مٽيءَ مان ڳوهيل ماڻهو جو من نہ فقط سنڌ جي درد جو ترجمان هيو، پر سندس نياپو انهن مڙني جڳ جهان جي ماڻهن لاءِ هيو، جيڪي درد، وڇوڙي ۽ ناانصافين جي ساڳي ڪيفيت مان گذري رهيا هيا ۽ آهن . صادق جو آواز سيني عقيدن کان مٿانهون هو ۽ هن جو آواز سنڌ جو سڏ هوندو هئو . جنهن جو پڙاڏو سڄي سنڌ ٻڌجندي هئي.

توکان ٿيندي ڌار ڪلندي ڪلندي يار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.

(شايع ٿيل روزاني سنڌ حيدرآباد، 8 جنوري 2018ع)

ڊائو يونيورسٽي جو پاڳل پروفيسر

ڪراچي جي ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ هڪ تعصب پرست ڪارڊيو جي اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي ٻولي ڳالهائڻ تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. ڊائو يونيورسٽي ڪارڊيو جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊائو اسپتال جي اسٽاف کي پاڻ ۾ يا وري سنڌي مريضن سان سنڌي ۾ ڳالهائڻ تي نوٽيس جاري ڪيا آهن. يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر جي ان تعصب پرستي ۽ ڪريل حرڪت خلاف سڄي سنڌ ۾ تاءُ پکڙجي ويو آهي. جڏهن ته ڊائو جي ڊاڪٽرن اهڙي عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي نسل پرست سوچ رکندڙ پروفيسر خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جي تعصب پرست اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي ڳالهائڻ تي هڪ ڊاڪٽرياڻي کي نوٽيس جاري ڪيو آهي. ڊاڪٽرياڻي تي الزام آهي ته هن وارڊ ۾ مريضن سان سنڌي ڳالهائي ڏوهه ڪيو آهي.

ڊائو يونيورسٽي ڪارڊيو جي اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي ٻولي تي پابندي ڪهڙي قانون تحت لاڳو ڪئي آهي. اهڙو تعصب پرست عمل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪنهن همٿايو آهي يا هن اهڙو ڪڌو عمل ذاتي طور ڪيو آهي. ان جي هڪدم جاچ ٿيڻ گهرجي. سنڌ حڪومت جو صحت وارو کاتو هڪدم اهڙي تعصب پرست ۽ پاڳل شخص کي عهدي تان هٽائي. جيڪو سنڌ جي شهرين ۾ نفرت جو ٻج ڇٽي رهيو آهي.

ثقافت کاتي جي وزير سردار شاهه ڊائو يونيورسٽي اندر سنڌي ٻوليءَ تي پابندي لڳائڻ خلاف سخت رد عمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌيءَ ٻوليءَ تي پابندي ڪو چريو ئي لڳائي سگهي ٿو، معاملي جي مڪمل جاچ ڪرائي ويندي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته سنڌ ۾ رهي سنڌي نه ڳالهايون. هن چيو آهي ته پروفيسر جي ان عمل خلاف وڏي وزير کي به جاڻ ڏينداسين. اسان ثقافت کاتي جي وزير جي ان عمل جي ساراهه ڪندي وري به ڪيس ياد ڏياريون ٿا ته اهو نوٽيس فقط بيان جي حد تائين نه هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هي هڪ حساس نوعيت جو معاملو آهي. هن پاڳل قسم جي پروفيسر کي جيڪڏهن اها خبر ناهي ته ڪراچي سنڌ جي گادي وارو شهر آهي ته پوءِ ان کي ان اهم عهدي تي مقرر ڪندڙن خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي. ان سان گڏ ان پروفيسر جي دماغي معائنو به ڪرائڻ گهرجي، جيڪو ڊائو يونيورسٽي کي ڪراچي بدران لکنو ۾ سمجهي ٿو.

اسان کي خبر نه ٿي پوي ته ڪجهه اردو ڳالهائيندڙ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ هن ديس جي ماڻهن سان نفرت ڪري ڇا حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. آخر هي تعصب پرست ٽولو جنهن وڻ تي آڪيرو ٺاهي ويٺو آهي، ان کي نقصان رسائڻ ڇو ٿو گهري. ان تعصب پرست ٽولي جي شرمناڪ حرڪتن سان پاڪستان ڪيترو پوئتي پيو آهي، ان جو به حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي. سندن ان ئي تعصب پرستي سبب ملڪ ٻه اڌ ٿي ويو، پوءِ به سندن نفرت واري باهه ٿڌي نه ٿي ٿئي. ڇا هو هاڻي باقي بچيل ملڪ خلاف به سندرو ٻڌي ويٺا آهن. آخر هنن جو پاڪستان ڏانهن ڪهڙو پلاڊ رهيل آهي؟ جيڪو هو هتان جي اصل ڌرتي ڌڻين سان نفرت ڪري ڇڪائڻ گهرن ٿا.

(سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ 16مارچ 2018ع تي شايع ٿيل)

سنڌي ٻولي لاءِ جدوجهد

پاڪستان ۾ اردو کي قومي ٻولي بڻائڻ ۽ هتان جي مقامي زبانن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف جدوجهد جي شروعات اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ بنگالين طرفان ڪئي وئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1948ع ۾ جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح ڍاڪا ويو ته هن هڪ عام جلسي ۾ اعلان ڪيو ته ”پاڪستان جي قومي ٻولي صرف اردو هوندي.“ جنهن تي ڪيس بنگالين جي مزاحمت ۽ ڪاوڙ کي منهن ڏيڻو پيو. ان ئي جلسي ۾ موجود بنگالين جي وڏي انگ ان اعلان خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جو مطالبو ڪيو. قائد اعظم محمد علي جناح جي اوڀر پاڪستان جي ان پهرئين دوري سان ئي زبان جي بنياد تي پاڪستان ۾ نفرتن جو طوفان شروع ٿيو. بنگالين اردو کي قومي ٻولي بڻائڻ واري فيصلي کي رد ڪندي بنگالي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي. 21 فيبروري 1952ع تي جڏهن اوڀر بنگال جي قانون ساز اسيمبليءَ جو اجلاس سڏايو ويو ته بنگالين پنهنجي مادري ٻولي کي قومي زبان جو درجو ڏيارڻ لاءِ عام هڙتال جو اعلان ڪيو. بنگاليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جي مطالبي لاءِ جدوجهد ڪندڙ بنگالي شاگردن اسيمبلي طرف جلوس ڪڍيو ته ان کي بي رحماڻي طريقي سان ڪچليو ويو. اسيمبلي طرف وڌندڙ شاگردن مٿان گوليون هلائي ٽن چئن ڄڻن نوجوانن کي شهيد ڪيو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي ان جي اصل خالقن نہ پر نام نهاد مالڪن اهو فيصلو ڪري ورتو هو تہ ساڻن گڏ پارٽ ڪان هن خطي ۾ داخل ٿيندڙ ٻولي اردو ئي نئين ملڪ جي قومي ٻولي ٿيندي. جيتوڻيڪ نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ ان وقت بنگالي ڳالهائيندڙ، ملڪي آباديءَ جو 55 سيڪڙو هئا، جڏهن تہ اردو ڳالهائيندڙ ڏيڍ سيڪڙو ڪان بہ گهٽ هئا. اهي ڏيڍ سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ بہ هن سرزمين جا اصلي وارث نہ پر هندستان کان پناهگير طور هتي آيل هئا. انهن حقيقتن جي باوجود اقتدار تي قابض ٽولي اسلامي مذهب ۽ اسلامي ثقافت جي آڙ ۾ نيئن ملڪ تي اردوءَ کي مڙهڻ جي سازش ڪئي. اهو فيصلو هتان جي اصلي ڌرتي ڌڻين خلاف سازش ۽ نفرت تي ٻڌل هو. اردو کي قومي ٻولي بڻائڻ جي فيصلي سان ئي هن ملڪ جي ماڻهن ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ نہ فقط بنگالي ٻولي پر سنڌي ٻولي کي بہ نظرانداز ڪيو ويو. پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌي ٻولي جي اها حيثيت ختم ڪئي وئي، جيڪا ان کي سنڌ تي برطانوي قبضي دوران حاصل هئي. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري پنهنجي حڪومت ٺاهي تہ انهن سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ اهم فيصلا ڪيا. هنن سنڌي ٻوليءَ جي لپي جو هڪ معيار مقرر ڪرڻ لاءِ ڪميٽي ٺاهي. ان ڪميٽيءَ جي سفارش تي 1853ع ۾ سنڌي ٻولي جي هاڻوڪي لپي سرڪاري ۽ خانگي سطح تي لکڻ پڙهڻ لاءِ رائج ڪئي وئي. جنهن سان سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهہ جا نوان در کلي پيا. سنڌي ٻولي بابت ان اهم فيصلي بعد انگريزن ٻيو وڏو قدم کنيو. جنهن موجب 29 آگسٽ 1857ع تي حڪم نامو جاري ڪيو ويو. جنهن هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي جو درجو ڏنو ويو. سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر حڪم جاري ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري لکپڙهہ کي ان وقت تائين قبول نہ ڪيو ويندو، جيستائين اها سنڌ ٻولي ۾ نہ هوندي. سرڪاري آفيسن، عدالتن ۽ ٺاڻن ۾ انگريزي سميت ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪوبہ ڪاغذ تيستائين قبول نہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، جيستائين ان جو سنڌي ترجمو شامل نہ ٿيل هجي. انگريزن سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ

غير سنڌين کي ان ڳالهہ جو پابند ڪيو تہ هو لازمي طور سنڌي لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگھندڙ هجن.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اردو کي ملڪ جي اڪيلي قومي ٻولي جو درجو ڏئي، هتان جي اصلوڪين ٻولين جي رستا روڪ ڪئي وئي. 14 آڪٽوبر 1955ع ۾ اوپر پاڪستان جي عددي اڪثريت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جي چئن وحدتن سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختون صوبي کي پاڻ ۾ ضم ڪري ون يونٽ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي کي ميسارڻ ۽ هتان جي ماڻهن مٿان زبردستي هندستاني ٻولي اردو (هندي) مڙهڻ لاءِ سازشن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ڪيو ويو. انهي دور ۾ سوين سنڌي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي. سنڌ جو الڳ قومي وجود ۽ سڃاڻپ ماضيءَ جو قصو بڻجي ويو. ڪنهن بہ قسم جي لکت ۾ سنڌ لفظ استعمال ڪرڻ تي بندش وڌي وئي. ڪراچي مان سنڌي ٻولي پڙهائيندڙ 1300 پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کي بند ڪيو ويو. ون يونٽ بعد 1956ع جي آئين ۾ سنڌ ۾ سنڌي شاگردن لاءِ اردو ۽ اردو شاگردن لاءِ سنڌي ٻولي کي لازمي قرار ڏنو ويو پر ان تي قانوني طرح عمل ڪرڻ بدران رڳو سنڌي شاگردن لاءِ اردو کي لازمي قرار ڏنو ويو. ون يونٽ جي خالق حڪمرانن جي ان سنڌ دشمن عمل خلاف سنڌ جي سياستدانن، استادن، شاگردن ۽ ٻين پڙهيل لکيل ماڻهن جدوجهد جي شروعات ڪئي. ان حوالي سان قاضي فيض محمد سميت شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، ابراهيم جويو ۽ ٻين سياستدانن آواز بلند ڪيو. سنڌي ٻولي جي بحالي لاءِ جدوجهد ان وقت شدت اختيار ڪئي، جڏهن ايوب خان جي دور حڪومت ۾ تعليمي سڌارن لاءِ قائم ڪيل ڪميشن 1962ع ڌاري پنهنجون سفارشون پيش ڪيون. ڪميشن جي سفارشن تحت سنڌي ٻوليءَ کان اڳ مليل اڻ پورا حقن ۽ سهوليتون بہ واپس ورتيون ويون، سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي گھٽائي نصاب ۾ پنجين درجي تائين لازمي قرار ڏنو ويو. سنڌي پڙهندڙن جي ذريعي تعليم کي اردو بڻايو ويو.

اردو ٻارن لاءِ سنڌيءَ جو لازمي پيپر ختم ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت تي ٿيل ان حملي خلاف سنڌ ۾ ڪاوڙ ۽ احتجاج جي هڪ نئين لهر پئدا ٿي. سنڌ سميت ملڪ جي ساڃاهه وندن جنرل ايوب خان حڪومت جي ان عمل خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ تعليمي ڪميشن جون سفارشون سنڌين سان ناانصافي قرار ڏنيون. ان جدوجهد ۾ قاضي فيض محمد به وڏي چڙهي حصو ورتو. اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي 21 اهم اڳواڻن تعليمي ڪميشن جي سفارشن خلاف گڏيل بيان جاري ڪري ان عمل جي سخت نندا ڪئي. انهن 21 اڳواڻن ۾ قاضي فيض محمد به شامل هيو. سنڌ واسين جي ان جدوجهد بعد حڪومت مجبور ٿي 14 آڪٽوبر 1962ع تي سنڌي ٻولي جي ساڳي تعليمي حيثيت بحال ڪئي. ون يونٽ دور ۾ سنڌي ٻولي خلاف سازشن جو سلسلو پوءِ به بند نه ٿيو. ٻيو پيرو حيدرآباد جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ٽڪا خان ۽ ڪمشنر مسرور حسن به سنڌي ٻولي خلاف سازشون ڪيون. جنهن خلاف به سنڌ جي سياستدانن ۽ شاگردن عملي جدوجهد ڪري، آمر حڪمرانن جي سازشن کي بي نقاب ڪيو. ان سڄي جدوجهد ۾ قاضي فيض محمد شريڪ رهيو. آمر صدر ايوب خان جي حڪومت بعد جنرل يحيٰ خان حڪومت سنڀالي جڏهن نين چونڊن جو اعلان ڪيو ته ان وقت به سنڌي ٻولي جي حيثيت گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنرل يحيٰ جي حڪومت 1970ع جي چونڊن لاءِ ووٽرن جون لسٽون صرف اردو ۽ بنگالي زبان ۾ شايع ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. جنهن تي سنڌ جي ماڻهن سخت ردعمل ظاهر ڪندي ووٽر لسٽون سنڌي ٻولي ۾ به شايع ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو موقف هيو ته هن کان 22 سال اڳ انگريزن جي دور ۾ به ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپيون هيون. ان بعد ون يونٽ جي شروعاتي دور ۾ به ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ شايع ڪيون ويون هيون. ان کري هاڻي به ووٽر لسٽون اردو ۽ بنگالي سميت سنڌي زبان ۾ به شايع ڪيون وڃن. حڪومت طرفان سنڌي ماڻهن جي ان جائز گهر کي تسليم نه ڪرڻ تي سنڌ جي عوام ٻيهر پنهنجي ٻولي جي جائز حيثيت لاءِ جدوجهد

جي شروعات ڪئي. 8 نومبر 1969ع تي شاگردن سنڌي ٻولي جي حق ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا. ان بعد سڄي سنڌ ۾ علامتي بک هڙتالون شروع ٿي ويون. شاگردن جي انهن مطالبن جي پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سنڌ متحد محاذ جي صدر جي ايم سيد پڻ حمايت ڪئي. قاضي فيض محمد جيڪو ان وقت آل پاڪستان عوامي ليگ جو مرڪزي نائب صدر هو. ان پڻ شاگردن جي جدوجهد جي حمايت ڪئي. قاضي فيض محمد 11 نومبر 69ع تي اعلان ڪيو ته جيڪڏهن ووٽر لسٽون سنڌي ۾ شايع نه ڪيون ويون ته پاڻ به مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪندا. حڪومت جي هٺ ڌرمي سبب قاضي فيض محمد 14 نومبر 69ع تي شاگردن سان گڏ بک هڙتال شروع ڪئي. عوامي ليگ جي سربراهه شيخ مجيب الرحمان پڻ سنڌي ٻولي جي جائز حق جي انحرافي خلاف هلندڙ تحريڪ جي حمايت ڪئي. قاضي فيض محمد سنڌ جو پهريون سياستدان هو، جنهن عملي طرح ان تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي. جڏهن ته جي ايم سيد سميت ڪجهه ٻين سياستدانن ان تحريڪ جي مخالفت ڪندي، قانوني طريقي سان حق وٺڻ تي زور ڀريو. حڪومت هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ 18 نومبر جي رات بک هڙتالي ڪارڪنن جي ڪيمپ تي حملو ڪري قاضي فيض محمد سميت ٻين ڪارڪنن کي قيد ڪري ڇڏيو. قاضي فيض محمد ۽ ٻين شاگردن جيل ۾ به بک هڙتال جاري رکي. نيٺ حڪومت جدوجهد ڪندڙن جي آڏو گوڏا کوڙيا ۽ 28 نومبر تي ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ 29 نومبر تي ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان بعد قاضي صاحب ۽ سندس ساٿين 30 نومبر تي بک هڙتال ختم ڪئي. قاضي صاحب کي 8 ڊسمبر تي جيل مان آزاد ڪيو ويو.

ملڪ ۾ 1970ع جي عام چونڊن ۽ 1971ع ۾ بنگلاديش جي قيام کان پوءِ 1972ع ۾ سنڌي ٻولي جي معاملي تي ٻيهر ان وقت تحريڪ باهه جيان ڀڙڪي پئي. جڏهن پي پي جي حڪومت 1973ع جي آئين ۾ باقي بچيل ملڪ جي اصلوڪين ٻولين سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽

پشتو کي نظرانداز ڪندي اردو کي ملڪ جي اڪيلي قومي ٻولي قرار ڏنو. پ پ حڪومت 7 جولاءِ 1972ع تي سنڌ اسيمبليءَ مان "سنڌي ٻولي جو بل" منظور ڪرايو. ان بل کي "سنڌ ائڪٽ 1972ع" سڏيو ويو. جنهن موجب پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 267 موجب سنڌي ٻولي کي (قومي ٻولين جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ) سنڌ جي صوبائي ٻولي طور استعمال ڪيو ويندو. سنڌي ٻولي کي ملڪ جي قومي ٻولي قرار ڏيڻ بدران فقط صوبائي حيثيت ملڻ تي اردو ڳالهائيندڙن طرفان سنڌ ۾ وڏي پئماني تي فساد ڪرايا ويا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي تي حملا ڪري ڪين قتل ڪيو ويو ۽ سندن ملڪيتن تي قبضا ڪيا ويا.

قاضي فيض محمد، جي ايم سيد ۽ ٻين اڳواڻن سنڌي ٻولي کي 1973ع جي آئين ۾ جائز مقام نه ملڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي اڪيلي صوبائي ۽ دفتري ٻولي قرار نه ڏيڻ خلاف آواز بلند ڪيو ۽ حڪومت جي ان قدم جي سخت مذمت ۽ مخالفت ڪئي. انهن ڏينهن ۾ صدر ذوالفقار علي ڀٽو ڪراچي جي دوري تي آيل هو، جتي صدر ڀٽي، قاضي صاحب سميت ٻين سياستدانن کي گهرايو. ان موقعي تي قاضي فيض محمد صدر ڀٽو آڏو سنڌي ٻولي جو معاملو اٿاريو. پاڻ لکت ۾ صدر ڀٽي کي سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کان واقف ڪندي مطالبو ڪيو ته، سنڌي کي قومي ٻولي تسليم ڪيو وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان تسليم ڪيو وڃي. صدر ڀٽي رجعت پرستن ۽ نسل پرست جي انهن هنگامن کان متاثر ٿي 10 جولاءِ تي راولپنڊيءَ ۾ "لساني ڪانفرنس" سڏائڻ جو اعلان ڪيو. سرڪاري طرح 5 سنڌي دانشورن ۽ 20 اردو دانشورن کي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو دعوت نامو ڏنو ويو. سنڌ مان شروعات ۾ جي ايم سيد، پير حسام الدين راشدي، شيخ اياز ۽ قاضي فيض محمد ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ تيار ٿيا. پر بعد ۾ جي ايم سيد ۽ حسام الدين راشدي ڪانفرنس ۾ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مجبورن قاضي صاحب کي اڪيلي سر راولپنڊي وڃي سنڌين جي

نمائندگي ڪرڻي پئي. ڪانفرنس ۾ موجود 20 اردو دانشورن جي مقابلي ۾ پاڻ اڪيلا سنڌي ٻولي جي نمائندگي ڪندڙ هئا. قاضي صاحب ڪانفرنس ۾ اڪيلي سر سنڌي ٻولي جو ڪيس پيش ڪيو. سنڌ جي ماڻهن طرفان پنهنجي ٻوليءَ جي جائز حيثيت لاءِ پرامن احتجاج حڪومت تي ڪو اثر نہ ڇڏيو. پي پي جي صدر ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت وڏي صوبي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي هڪ مخصوص اقليت جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي موت واري دستاويز تي صحيح ڪري سنڌ کي ٻن ٻولين وارو صوبو قرار ڏئي ڇڏيو. سنڌ اسيمبلي ۾ هڪ ٻيو بل منظور ڪري سنڌ کي ٻہ لساني صوبو تسليم ڪيو ويو. سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي بہ سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ قرار ڏنو ويو. پي پي حڪومت جو اهو عمل سنڌي ٻولي تي ڪاري وار ثابت ٿيو. سنڌ جا ماڻهو اڄ بہ پي پي حڪومت جي ان عمل جي سزا ڀوڳي رهيا آهن ۽ سنڌي ٻولي اڄ بہ پنهنجي ئي وطن ۾ عملي طرح بيدخل ٿيل آهي.

(نوٽ: هي مقالو ساهتي لٽرري فيسٽيول ڪنڊيارو، 24 مارچ 2018ع لاءِ لکيو ويو)

ٿرين کي ٻچا پيارا ڪونهن!

ٿرپارڪر ضلعي جي صوبائي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر صاحب چيو آهي ته ٿر ۾ نون ڄاول ٻارڙن جو موت خوراڪ جي کوٽ نه پر وبائي صورتحال سبب ٿيو آهي. هن ٻيو به حيرتناڪ انڪشاف ڪيو آهي ته ٻارڙا والدين جي لاپرواهي سبب فوت ٿيا آهن. خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي جناب ميمبر صاحب چيو آهي ته ٿر جو گهڻو حصو غير آباد زمين تي ٻڌل آهي ۽ هتان جي رهواسين جو ڪوبه آمدني جو ذريعو نه آهي پر سنڌ حڪومت طرفان هر سال خوراڪ ورهائي ويندي آهي. هن چيو ته سڄي ضلعي ۾ هر سال ڪيترائي ٻار اجل جو شڪار ٿيندا آهن جنهن جو وڏو ڪارڻ بيماري آهي. هن چيو ته پيچيده بيماريءَ سبب متاثر ٻارڙن کي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي اسپتالن ڏانهن اُماڻيو ويو آهي. گذريل سال سيپٽمبر ۾ 15، آڪٽوبر ۾ 10 ۽ نومبر ۾26 ٻارڙا فوت ٿيا. جنهن جو وڏو ڪارڻ والدين جي لاپرواهي ۽ علاج لاءِ وقت تي اسپتال نه پهچائڻ آهي. هن چيو ته هلندڙ سال سرديءَ جي موسم ۾ ٻارڙن جي ڦڦڙن ۾ پاڻي پوڻ، نمونيا ۽ تيز بخار سبب جنوريءَ ۾ 18، فيبروريءَ ۾ 23 ٻار فوت ٿيا آهن. هن چيو ته ٿر جي رهواسين ۾ سنڌ حڪومت ڪڻڪ جا ٿيلها ورهائي رهي آهي. جڏهن ته اسپتالن ۾ ايمرجنسي لڳائي وئي آهي ته جيئن ٻارڙن جو وقت تي علاج ٿي سگهي.

مانواري ميمبر جي بيان مان لڳي ٿو ته ٿري ماڻهن کي پنهنجا ٻچا پيارا ڪونهن ۽ هو پنهنجي ٻچن جي بهتر پرگهور ڪري نه ٿا سگهن. ان ڪري معصوم ٿري ٻارڙا موت جي منهن ۾ وڃي رهيا آهن، هونئن ته حڪمرانن اتي ڪير ۽ ماڪيءُ جون نديون وهائي ڇڏيون آهن، ماروئڙن جون مينهون اڻ ڏڌيون ڇڙي وڃن ٿيون. صوبائي اسيمبلي جي ميمبر جي بيان مان ته ايئن به لڳي ٿو ته سنڌ حڪومت ٿر ۾ هر سال ايتري ته خوراڪ ورهائيندي آهي، جو اها پيلن، ڪولهين، نهڙين ۽ سميجن جي گهرن ۾ استعمال نه ٿيڻ سبب اڌوهي جو کاڄ ٿي ويندي آهي. يا رکئي رکئي خراب ٿي ويندي آهي. پ پ جا وزير، اسيمبلي ميمبر ۽ ٻيا صاحب لوڪ هن سانحي تي اهڙا ته بيان ڏئي رهيا آهن، جو لڳي ٿو ته گڏيل برصغير ۾ هڪ سنڌي هندو سيٺ طرفان حيدرآباد ۾ نفسياتي اسپتال ٺهرائڻ جو خرچ ئي اجايو ٿي ويو. چاڪاڻ ته چريا، مٿي ڦريا ۽ مست اڄ به نه فقط اسپتال کان ٻاهر آهن، پر اهي اسيمبلين ۾ به ويٺا آهن. ڪالهه ئي پ پ جي هڪ اسيمبلي ميمبر قومي اسيمبلي ۾ کل جوڳو بيان ڏنو هو ته ٿر ۾ سخت سرديءَ ڪري ٻارڙا فوت ٿي رهيا آهن، خوراڪ جي کوٽ جو ڪوبه مسئلو ناهي. هن پاڻ سميت انهن ووٽرن تي جڳ جهان کي کلايو، جن کيس چونڊي ايوان ۾ موڪليو هو. سندس اهليت جي سطح اها آهي ته کيس مارچ مهيني ۾ به ٿر ۾ ڊسمبر جي سردي محسوس ٿي رهي هئي.

ٿر ۾ هيءُ الميو ڪا نئين ۽ اوچتي ڳالهه ناهي، هر سال ماڻهو ڏڪار سبب پوڄيندا آهن، هر سال کين خيرات ۾ ڪجهه ان داڻا ملندا آهن، حڪمرانن ٿرين کي مستقل طور تي فقير رکڻ گهرن ٿا، جيئن هو کين پن جا ٻه ٽڪر ڏئي پنهنجي سخاوت جو هوڪو ڏئي سگهن. پاڻ کي سخي حاتم طائي جو به ابو ثابت ڪري سگهن. حڪمرانن جي ان روش سبب ٿر گڏيل 65 سالن کان ان ئي پوزيشن ۾ آهي، جيڪو برصغير جي ورهاڱي کان اڳ هيو. ان وچ ۾ ڀارت پنهنجي ٿر کي بر مان بوستان بنائي ڇڏيو. روڊ، رستا، پاڻي جون لائينون، خوراڪ جو بندوبست، روزگار

لاءِ صنعتن جو قيام ۽ ٻيا اهڙا ڪوڙ سارا قدم کڻي هنن پنهنجي حصي ۾ آيل بر ڪي باقاعدي تر بڻائي ڇڏيو، پر اسان تر ڪي بر مان صفا برپٽ ڪري ڇڏيو. پوءِ بہ اها هنبوچي هٽندي نہ ٿا ته ڪجون تہ اسان جڳ جهان ۾ افضل قوم ۽ باوقار ملڪ جا باشندا آهيون.

شرم تم ڪو مگر نهين آتي!